نئين زندگي

ڪملا بٽاٽي

نئين زندگي

(ڪهاڻيون)

ڪملا ٻتاڻي

پنڪج پبليڪيشن
اجمير

ٻه اکر

سنڌي ادب جي ڪهاڻي جڳت ۾ ليکڪا ڪملا
ڀاٽياڻيءَ جو نالو نئون نه آهي. ڪافي پراڻو آهي.
سالن کان سندس قلم گهرو ماحول ۽ ساماجڪ سمسيائن،
ستائن ۽ براين جي جدا جدا وشين کي اُجاگر ڪرڻ ۾
مشغول آهي. ”پراڻي درد جو احساس“ ۽ ”هڪ
جو مسيحا“ کان پوءِ هي نئون ڪهاڻي سنگره اهڙن
خليقن جو برعڪس آهي.

هن مجموعي ۾ ڏهه ڪهاڻيون قلمبند آهن. هر
ڪهاڻيءَ جو وشه جدا آهي. هر ڪهاڻي پنهنجيءَ
جڳهه تي پختي آهي. ڪملا ڀاٽياڻيءَ کي هر وشه
ان بخوبي نڀائڻ جو ڏانءُ آهي. سندس لکڻي
ول، سادي ۽ دلچسپ آهي. ڪهاڻي پڙهجي تـ
دي ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هر ڪهاڻيءَ
ستا وشه، چرٽتروان ڪردار ۽ آتمڪتا ڀريل آهي.
ڪري هر ڪهاڻي معياري آهي. شايد اهو ئي
ارڻ آهي جنهن ڪملا ڀاٽياڻيءَ کي ڪهاڻي ڪيتر ۾
ن جو هڪ الڳ مقام عطا ڪيو آهي. جتان هوءَ
ان ۾ اڳتي وڌندي ۽ مٿي چڙهندي.

NAEE JINDAGI

(Short Stories)

By :

Smt. KAMLA BUTANI

Lecturer - Hindi

Govt. Girl's Model Senior Higher Secondary School,

AJMER

First Edition : 1994–95

Price Rs. 30/- only

Published by :

PANKAJ PUBLICATION

E - 19, U. I. T. Colony,

Naka Madar, Ajmer.

Printed by :

KAUSHAL PRINTING PRESS

3, Dayanand Market, Kaiser Ganj,

Ajmer - 305001

Phone : 32767

آخر ۾ اهو چوڻ به ضروري آهي ته ليکڪا ڪملا ٻختياڻيءَ ۾ ڪافي قوت آهي. سندس لکڻيءَ ۾ وشين سان نڀائڻ ۽ اظهار ۽ سادگيءَ جو اثر آهي. سندس ڀاشا سرل آهي. جنهن کي هر پاٺڪ سولائيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. سندس لکڻي اجا به اثردار ٿيندي. سندس لکڻيءَ ۾ سٺيءَ جهڙي چڀن پيدا ٿيندي جيڪا پاٺڪن جي دلين ۾ چڀندي ۽ کين ٽڙڦائيندي. پاٺڪن جي دماغ کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪندي. تڏهن ليکڪا کين ڳالهائيندي، ڪهاڻيءَ جا ڪردار ڪونه ڳالهائيندا. صرف ڪردارن جا احساس ڳالهائيندا ۽ پاٺڪن جا ذهني احساس سوچيندا، پوءِ شايد ڪيس پوپٽي هيرانندڻي، سندري اتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، مايا راهي، تارا ميرچندائي، ريٽا شهاڻي، اندرا واسواڻي، گوپي موٽواڻي ۽ ٻين اُرچ ڪوٽيءَ جي ليکڪائن جي صف ۾ شمار ٿو وڃي ۽ بس.

سيرو "سياهه" (اجمير)

U.I.T Plot No. 257 Ajai Nagar, AJMER-305003

هن مجموعي جي هر ڪهاڻي نصيحت - آميز
آهي ، " سونهري اُس " ، " گهر جو چراغ " ۽
" نئين راهه " جا موضوع گهرو رستن ۽ اُنهن ۾ پيدا
ٿيندڙ نفاقن کي دُور ڪرڻ جا سٺا جتن آهن . " اندي
ممتا " هڪ ٻال ڪهاڻي آهي جنهن کي ٻال ساهتيه ۾
شمار جي ته ڪو اوُچو مقام حاصل ڪري. هن ڪهاڻيءَ
جي وشيه سان ليکڪا شروُع کان آخر تائين جنهن
نموني نڀايو آهي سو ساراهه جوڳو آهي . ڪهاڻي
" نئين زندگي " جي آخر ۾ هيرو راجڪمار جيڪو
دليرانو قدم کڻي هيروئن مدوُءَ کي پنهنجي فيصلي
کان واقف ٿو ڪرائي سو ليکڪا جي ذهن جي فراخ -
دليءَ جي سوجهه ٻوجهه آهي . " ٻيجڙيءَ جو ورس "
ڪهاڻيءَ ۾ اڄ ڪلهه جي زالن جي وهنوارن ۽ عادتن
جو صحي-صحي چٽر چٽيو ويو آهي . ڪهاڻي "گنهگار"
۾ ٻـ ساماجڪ زندگيءَ جو سچو چٽرڻ آهي ، جو
حقيقت پرست آهي . " سچو جيون ساٿي " ڪهاڻي
جهڙي نموني ڀارتيه سنسڪرتي ، رهڻي ڪهڻي ۽
سادگيءَ کي ٻين ملڪن جي سنسڪارن کان وڌيڪ
اوچو رکيو ويو آهي ، سو هر ڀارتيه ناريءَ لاءِ نصيحت
جو باعث آهي . ڪهاڻي " پيار جو احساس " ۽
" سپنا سچ ٿي ويا " ۾ اڄ جي گهرو ماحول نقش
آهن .

سونهري اُس

نيلوءَ جي اکين مان ننڊ لڏين اُڏامي وئي هئي
ئن ڪافور. گذريل شادي کيل ڏهن سالن جي
دگيءَ جا چتر رنگين نه رهي ڌنڌلا پاسي رهيا
. گهر ۾ روز روز جي کٽ پٽ کان تنگ ٿي هوءَ
ئي ته جوش ۾ پيڪي هلي آئي هئي.

ڏهه سال سهي سهي هن جي سهڻ جي شڪتيءَ
جواب ڏئي ڇڏيو هئو. پــر جيئن جيئن گهڙيال
ن سيون اڳيان ٿي وڌيون تيئن تيئن هن جو جوش
ڪروڌ شانت ٿيندو ٿي ويو. هن کي عجب لڳو ته
اڄ هن اهو غلط قدم کڻي پاڻ کي پٽيءَ ۾ پيڪن
نظر ۾ هيڪدم ڪيرائي ڇڏيو؟

هن جي امڙ جيڪا هن جي هر وقت اچڻ تي گد گد
ي ٿيندي هئي، هن دفعي ڪيڏي نه رکي نوع ۾
س آئي آهي؟ ڀاڄائي ديپا جيڪا هن کي پاڻهن
ي سمجهندي هئي، ايندي ئي هن جو دلي سواگت
ـمان ڪندي هئي، اڄ ڇو اُها نظر چورائي پاسو
ري ٿي نڪري؟ اڳئين دفعي پيڪي اچڻ تي ته

سلسلو

هور ايمان ڪيو آهي. ان ڳالهه ۾ نياءُ نه ٿيندو ڏسي
بلوءَ جو سؤ پيمان هيڪاري جاڳي اُٿندو آهي ۽ پوءِ
وءَ روئي ڌوئي اُن ايمان جو وش ڳوڙهن ذريعي
ڪيدي وري پاڻ کي شانت ڪندي آهي.

ڪلهه به هڪ ننڍيءَ ڳالهه تان ئي ٽنٽو ٿيو هئو.
هر ۾ کير صبوح شام ورتو ويندو آهي پر ٻارن کان
ه وڌيڪ کير جو ڪاپو هن جي سس تي ئـي آهي.
صبوح جو به پيئندي ته رات جو به پيئندي. منجهند
جو به ڏهي يا لسي ضرور کپيس نه ته روئي ئي نـه
ڏبيس. ڪلهه سسٽس کي گهرا ٿي پيا هئا تڏهن ئي
نيلوءَ چيو هئو، "امين، اڄ صبوح جو کير ڪٽي نه پيئو
جو گهرن لاءِ کير نقصانڪار آهي."

بس ايترو نيلوءَ جو چوڻ مس هو ۽ سسٽس اچي
تي ۽ گهر ۾ مهاڀارت مچي ويو. چي "منهنجي ڪاڏي
پيتي تي توکي مرچ ٿا لڳن. تون ته چئين نڪو
ڪان نڪو پيئان، بس هوا تي پئي هلان. کير نه پيئندس
نه آنڊا لڳي نه ويندا؟ اڙي گهٽ ۾ کير پيت
مان گهمي ته نڪري تو نه؟ منهنجي پٽ جي ڪمائي
آهي تون ڪونه ڪمائي آئي آهين جو ايڏو روب تي
ڪيئن. جيڪر ايڏو ئي روب رکڻو اٿئي ته وڃي الڳ
جاءِ وٺي رهو ته خبر پوئي ته گهٽي وهين سؤ ٿيندو
آهي."

هن جو تمام گھڻو سنگار ڪيو ويو هو، پر هن ڏٺي هي اچانڪ پاسو ڪيئن پلٽجي ويو ؟

پر انهن سڀني سوالن جا جواب هن کي خود ئي هن جي من ڏئي ڇڏيا. هوُ ته هوُ، هوءَ خود به ته هنن سان نظرون چار ڪرڻ ۾ ڪيٻائي پئي ۽ من ۾ هيڻ ۽ ڪمزور ڀاونا جو شڪار لڳي پئي هئي.

هوءَ وري وري پڇتائڻ لڳي ته ڇو هوءَ پنهنجو گھر ڇڏي بيگانن وانگر نڪري آئي ۽ سڀني جي نظر ۾ ڪري پئي.

جوش ۾ هوءَ پلجي وئي ته گھر ۾ به باسڻ ته ٽڪرائيندا ئي. نيلوءَ جي سس ۽ نراڻ به آهي ۽ انهن سان هن جا گرهه شروع کان ئي پيٺيا ئي ڪونه. روز روز ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تان ڪٽ پٽ ٿيندي هئي جنهن نيلوءَ جي دل گھر مان ئي ڪٽي ڪري ڇڏي.

نيلوءَ جو گھوٽ دليپ هوءَ ته ڏاڍو سمجھدار، سهنشيل ۽ ٿڌي سڀاءَ جو هئو پر ماءُ جي برخلاف ڪجھ چوڻ بدران هن جي منهن ۾ جڻ مڱ پئجي ويندا هئا.

نيلوءَ جو جڏهن جڏهن سس سان تڪرار ٿيو آهي دليپ نيلوءَ کي ئي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ماءُ جي غلطيءَ کي سدائين نڪاري نيلوءَ جو

۾ گاڏيءَ ۾ ويهي پيڪي هلي آئي. ديپڪ جيسين هن کي روڪي ۽ ٻاهر نڪري تيسين ٽوسيٽر ڪري نيلو هن جي نظرن کان اوجهل ٿي وئي.

پر پيڪي پهچندي ئي راس جو هن جو جوش هوش ۾ بدلجڻ لڳو. ڳوڙها ٽپ ٽپ وهي وهاڻو پسائڻ لڳا ۽ هوءَ اُن گهڙيءَ کي پٽڻ لڳي جڏهن گهڙيءَ جوش ۾ هن گهر ڇڏيو. هن جي ابهم ڌيءَ گڏي هن جي ڀر ۾ ئي گهري ننڊ ۾ سمهي پئي هئي. هن جو معصوم چهرو ڏسي هن کي هيڪاري وڌيڪ روئڻ اچڻ لڳو. پر پوءِ روئندي روئندي ڪڏهن هن جي اک لڳي وئي خبر ئي نه پيس.

صبوح ٿي وئو پر هن کي نه ڪنهن اُٿاريو نه چانهه لاءِ پڇيو. خود رسوئيءَ ۾ وڃي هن پنهنجي لاءِ چانهه ناهي پيتي جيڪا هن کي بيسواد پئي لڳي. ماڻس صبوح کان ئي پوڄا ۾ مشغول هئي ۽ ڀاڄائي ديپا ڪم ۾ ايڏي رڌل هئي جڻ هن کي نيلوءَ جي حاضريءَ جو ڪو احساس ئي نه هئو. هڪ ٻئي مٿان ڪم ڪندي هوءَ پاڻ کي مشغول رکڻ جي ڪوشش ۾ نيلوءَ ڏانهن اک کڻي نهارڻ جي فرصت به نه پئي ڪڍي سگهي.

نيلوءَ اِها روش ڏسي اندر تائين جلي وئي. رڳو

نيلوءَ کي روز روز جاءِ تان طعنا ڏنا ويندا هئا. ڇو جو جاءِ سندس سهرو سس جي نالي ڪري ورتو هئو ۽ جاءِ جو ڀاڙو هن کي ايڏو هئو جو هر وقت جاءِ جي اوٽ ۾ هوءَ نيلوءَ جي ڏڪندڙ رڳن تي ٿي پير رکي هن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ڇو جو هن کي خبر هئي ته ٻي جاءِ مسواڙ تي وٺڻ لاءِ هنن کي ڪافي وڏي رقم هر مهني ڪرائي تي خرچ ڪرڻي پوندي ۽ پوءِ گهر خرچ هلائڻ لاءِ بچندن ئي ڇا؟ ديپڪ ڪو وڏو آفيسر ته آهي ڪونه جو ايڏو خرچ برداشت ڪري سگهي. شايد ديپڪ جي ٿڌائيءَ جو سبب به اهو ئي هجي، اهو سمجهڻ جو نيلوءَ ۾ به عقل هئو پر روز روز جي طعنن کان ته الڳ جاءِ وٺڻ ئي بهتر آهي هوءَ سوچيندي هئي.

معمولي ڳالهه وڏي ڪٿي ورڻ ڪيو. آفيس مان ديپڪ جي ايندي ئي وري مهڻ مٿو. پر ديپڪ ماءُ کي هڪ اکر به نه چيو. ديپڪ جي پهچڻ ئي هن لاءِ ڇانهه ڪٿي آئي پر نيلو ته ڪمري کان ٻاهر ئي ڪونه نڪتي. اندر ئي ڀڻ ڀڻ ڪندي پيتيءَ ۾ جلدي جلدي ڪپڙا وجهڻ لڳي ۽ پوءِ تيز قدمن سان پيٽي کڻي پنهنجي نون سالن جي ڌيءُ گڏيءَ ساڻ ڪري اهو چئي ته ”هئڙي نرڳ جهڙي گهر ۾ رهڻ کان ته سٺو آهي ته مان پيڪي هلي وڃان.“ چوندي سڄ پڇ جوش

منجهند جو روٽي کائي سڀ آرامي وڃي ٿيا پر نيلوءَ کان آرام ڪرڻ ڪونه پئي ٿيو. هاڻي هن جي ڪروڌ جو شڪار ڊيپڪ ٿيو. نيلوءَ کي عجب لڳو ته هيلتائين ڊيپڪ هن کي وٽ ڇو نه آيو آهي؟ هن کي ته پورو وشواس هئو ته هو هن جي پنيان پنيان ايندو هوندو ۽ پوءِ هوءَ ٻه سڀ ماڻهو ڀلجي هن جي پنيان هلي وڃي هان. هن جي لاءِ هڪ ڏينهن ٻه هڪ يگ جي برابر هئو.

منجهند جو ٽي ٻجي ڊيپا سهي سهيڙي پرس ڪڇ ۾ ڪري لاهو چوندي هلي وئي ته هوءَ مهلا ويلفيئر سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وڃي رهي آهي ۽ شام جو موٽندي. گڏ ڪڇ ساهيڙيون به اينديون اُنهن لاءِ ناشتو تيار ڪري رکندا. اُس جو ڪارو چشمو اکين تي رکي هن سس ۽ نيلوءَ تي هڪ نظر اُڇلائي ۽ در کان ٻاهر ٿي وئي.

نيلوءَ ڏٺو ته ماڻس نماڻن نيڻن سان، ٿرٿهن کي ويندي پئي ڏٺو ۽ هن جي حڪم کي انڪار ڪيو ۽ پوءِ نيلو ۽ ماڻس ڪڇ ناشتو ٺاهڻ رسوئيءَ ۾ لڳي ويون.

ساڍي پنجين ٻجي شام جو ڊيپا ڇهن سٺن ساهيڙين سان گڏ اچي بيٺڪ ۾ ويهي ڪلڻ ڳالهائڻ لڳي. هن

سندس ڏانهن ٿي ته پر سندس ماءُ ڏانهن به ديڇا جو وهنوار بدليل ۽ ناقابلي برداشت هئو. ماٽس جڻ نونهن کان ٻچندي تي رسوئيءَ ۾ پير پاتو. ماٽس کي وڏي ڪمري مان ڪڍي هن جو بسترو اسٽور روم ۾ لڳايو ويو هئو ۽ ماٽس جي ڪمري کي ٻارن جي اسٽڊي روم جي ٽيبل ۽ سمهڻ لاءِ پلنگ وجهي ٻارن جي حوالي ڪري ماءُ جي چڱي طرح بيعزتي ڪيل ڏسي ته نيلوءَ جو اندر ڀُري ويو.

نيلوءَ گهڻئي ڪوشش ڪئي ته ان ٻاري ۾ ماءُ سان ڪو حال اوري ۽ چوي ته ”ممي جاءِ تي، توهان جي نالي آهي پوءِ هيءُ سڀ راڄا ٿهي ويا آهن ۽ توهان کي نوڪرياڻي ٺاهي ويا آهن. جڏهن سندس سس جاءِ جي بانور تي پٽ نونهن کي مهرُ ٺاهي ويٺي آهي.“

پر نيلوءَ جي ماءُ نيلوءَ کي اهڙو ڪو موقعو ئي نه ڏنو جو هوءَ هن گهر کي به وڙهائي سگهي.

پوڄا مان آئي ماٽس وري ٻئي گهر جي ٻين ڪمن ۾ اهڙي جنبي وئي جو نيلو پاڻ کي نپٽ اڪيلي ۽ نڪمٽي سمجهڻ لڳي. پاڻ ڏانهن ٿيهي جو بدليل رخ ڏسي ان کان سواءِ هوءَ ڪجهه نه ڪري سگهي ته ويٺي من ۾ وچارن جي مانڊاڻي هلائي ڪنهن نتيجي تي پهچي.

ساڙهيءَ ۽ پيرن تي ڪري ته مامي چوڻ لڳي "توکي تميز ڪونهي، ماءُ توکي سيکاريو چاهي؟ هيڏو ڪم نٿي ڪري سگهين؟ مٺي هلو جلدي پنهنجي گهر هلو. هلو نه مٺي."

گڏيءَ جو ڳوڙهو ڳل ۽ اُن تي اُڪريل آڱرين جو نقشو ڏسي نيلوءَ جي دل تي ڄڻ اُهي نشان اُڪري آيا. هن جي اکين مان به ٻيو سيءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳا. جوش ۾ اچي هوءَ ديپا کي ڪڇ جو ٻڪڻ لڳي ۽ پوءِ پٽي ڪٽي اُنهيءَ ئي حالت ۾ واپس ٽرين تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي.

تڏهن ديپا هن جو رستو روڪي ڳراٽڙي پائي چوڻ لڳي "نيلو ناراضگيءَ ۾ تون ڀلجي وئي آهين ته راس جي ٽرين هاڻي توکي نه ملندي."

نيلوءَ چيو "مان پليٽفارم تي راس گذاريندس پر هتي نه رهندس. توهان مٺيءَ جي ڪهڙي حالت ڪئي آهي؟ ايتري قدر جو اسٽور روم ۾ رهڻ لاءِ مٺيءَ کي جاءِ ڏني اٿوَ؟ جڏهن ته هيءَ جاءِ مٺيءَ جي نالي تي آهي. ٻيو سڀ ته ٺهيو اڄ توهان منهنجي سڪيلڌي گڏيءَ کي به نه بخشيو آهي. اهڙي هنڌ مان هڪ منٽ به ترسڻ پنهنجو اپمان ٿي سمجهان."

تڏهن ديپا چيو "جيڪر اها ڳالهه آهي ته پوءِ

رسوڙيءَ ۾ ليٽو پائي ڏسڻ جي زحمت ڪانه ڪئي ۽ آرڊر ڏنو "ممي ڇهه ست ڪوپ پيالا چانهه ته موڪليندا."

نيلوءَ جي ماءُ جلدي جلدي چانهه ٺري ۾ تيار ڪري آيو ساهه کنيو جيئن ڏاڍو ٿڪجي پئي هجي ۽ پوءِ گڏيءَ کي بيزاري ڪندي چيو "پٽ گڏي هيءَ چانهه ته بينڪ ۾ ڏئي اچ."

نيلوءَ کي ماءُ جي روش بلڪل نه وڻي. ڇا گڏي نوڪرياڻي آهي جو چانهه کڻي وڃي؟ پر وري اهو سوچي ته ممي ٿڪل آهي هن پاڻ تي ظابتو ڪيو.
گڏيءَ جو چانهه کڻي وڃڻ هئو مس ته بينڪ مان زور زور سان چلائڻ جا آواز اچڻ لڳا جيئن ديپا ڪنهن کي دڙڪا ڏيندي هجي. نيلوءَ پڙدو هٽائي ڏٺو ته تن بدن ۾ آگ لڳي ويس. ڇا ڏسي ته گڏي ڳل تي هٿ رکي روئي رهي هئي ۽ ديپا غصي ۾ لال ٿي دڙڪا ڏيندي الائي ڇا جو ڇا بڪندي ٿي وئي.
"ڇا ٿيو گڏي؟ تون ڇو پئي روئين؟" گڏيءَ کي ٻانهن کان ڇڪيندي اندر وٺي ويندي نيلوءَ چيو.
گڏي نيلوءَ کي چنبڙي وئي ۽ سڏڪا ڀريندي چيائين "ممي چانهه کڻي اندر ويس ته ٽيبل سان پير ٽڪرائجي ويو ۽ چانهه جي ٺري وڃي ماميءَ جي

نيلو پنهنجي ڪئي تي تمام شرمسار ٿئي. اُن وقت ئي در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ديپڪ در تي بيٺي مسڪرايو پئي ڏٺائين نيلو ديپڪ سان عزت ۽ نئي سکيا تي عمل ڪرڻ جي پڪي ارادي سان پنهنجي ساهري واپس موٽي. هن کي اڄوڪي اُس سونهري ڀاسي رهي هئي جيڪا ساهري گهر ۾ هن جو سواگت ڪرڻ جو پيغام ڏئي رهي هئي.

—o§o—

ٿوهان پنهنجي سس کي نوڪرن جي ڪوارٽر ۾ وڃڻ جو چئي ڇا هن جو اپمان ڪونه ڪيو آهي؟ ڇا نراڻ کي ڇانهن ڪيرائڻ تي تڪڙ نه هئي آهي؟ جيڪر اهو اپمان آهي ته هو ۽ ديپڪ ڪيئن سهندا.”

نيلوءَ جو ڪيو سامهون آيو هئو. هوءَ شرمسار هئي ته هي ڳالهيون ڪنهن هنن کي ٻڌايون. هوءَ سوالي نگاهن سان ديپا ۽ ماءُ کي ڏسڻ لڳي. تڏهن ماٽس چيو ”پٽ جيڪر تون پنهنجي ماءُ جو اپمان نٿي سهي سگهين ته پوءِ ديپڪ ڪيئن ماءُ ۽ پيءُ جو اپمان سهندو. سس کي ماءُ ڪري مڃڻ سان ئي هوءَ توکي ڏيئي سمان پيار ڏيندي. ’منڙا گهر ته گهران‘ ٺيڪ ئي چيو اٿن. ’وهنوار اهڙو ڪجي جهڙو خود توهان ٻين کان چاهيو ٿا.”

ماٽس نيلوءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو ”پٽ هيءَ ته سڀ ناٽڪ آهي. اسان سڀني توکي سکيا ڏيڻ واسطي ئي هيءُ ناٽڪ ڪيو آهي. نڪا مان اسٽور روم ۾ رهندي آهيان نڪا منهنجي نونهن منهنجو ڪڏهن اپمان ڪندي آهي. تڏهن ته اسان جو گهر سرڳ لڳو پيو آهي جتي اشانتي هوندي آتي نرڳ جو راڄ هوندو. جيون کي سکي ۽ سندر ٺاهڻو آهي ته پريم پريت سان رهي جيون کي سندر ٺاهڻ جي ذميداري هر عورت جي آهي.”

ـن پنهنجي جا سپنا ڄڻ روشن جي ڊاڪٽر بڻجڻ تي
ـي ساڪار ٿيندا هئا. جنهن ڏينهن روشن ڊاڪٽر ٿيو
ـن سوچيو ته اسان جي غربت جا ڏينهن ڪوچ
ـڪري ويا پر ائين ٿيو ڪين.

ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ روشن جي شادي هڪ امير
ـاندان جي ڊاڪٽر ڇوڪريءَ سان ڪرائي وئي. جيوتي
ـڪيڏو نه خوش هئي هنڙي سڀني سنبنڌ مان. خوشيءَ
ـسان سڄو ڏينهن ڪم ڪار ۾ رڌل هوندي به ٿڙ اندي
ـئي هئي. جڏهن مينا هر وقت ٻاهر نوڪريءَ ۽ گهر
ـ آرام جي اڌ ڪاري هئي. مينا ڪڏهن به ڪنهن
ـڪم ۾ هن کي هٿ نه وڌائيندي هئي. موڪل ڏينهن
ـه ٻئي زال مڙس سهي سنبري ڪنهن نه ڪنهن محفل
ـڪي وڃي آباد ڪندا هئا.

مينا پنهنجي ٻهراڻ شاديءَ جي سالگره تي ڪج
ڊاڪٽر جوڙن کي پارٽ وٽ دعوت ڏني. هيترا ڏينهن
ته گهر جي حالت تي هن ڌيان ڪونه ڏنو هئو پر اڄ
دعوت ڏئي سمجهي نه سگهي ته مهمانن کي وهاريندي
ڪٿي؟ نه ته هن وٽ ڊننگ جو سوفا هو نه ڊائننگ
ٽيبل، نه ماڊرن گهر نه گهر جي سجاوٽ. هوءَ جهنجهلائڻ
لڳي. اُن ڏينهن هن محسوس ڪيو ته هنڙي گهر ۾
هن لاءِ رهڻ هاڻي ناممڪن آهي. اُن ڏينهن ته ڪيئن

گهر جو چراغ

جيوتي پنهنجي خيالن ۾ غلطان آهي. چنتا سندس پيشانيءَ جي گهنجن مان صاف جهلڪي رهي آهي. چنتا ڪان آجي ٿئي به ڪيئن؟ جڏهن ڪان ديپڪ جو ٽائيفائڊ بگڙيو آهي هو بستري داخل آهي. جيوتيءَ کي ياد آهي ته ڏيڍ مهني کان ديپڪ بستري داخل آهي. ديپڪ هڪ معمولي ڪلارڪ آهي. هن جي پگهار مان زال ۽ ٻن ٻارن جي پيٽ پالنا به مشڪل سان ٿئي ٿي. مهانگائيءَ جو منهن ڦاٽندو ٿو وڃي ۽ جيوتيءَ جو هٿ پئسي کان تنگ ٿيندو ٿو وڃي. ٻچيل پئسو به بيماريءَ ۾ سواها ٿي چڪو آهي. چوندا آهن اٿيو ڪائي اَن ۽ پيو ڪائي ڏن. ڏن خرچڻ تي به ديپڪ جي بيماري وڃڻ جو نالو نٿي وٺي.

جيوتيءَ کي پراڻيون ياديون ورائي ورتو. جڏهن هن جو ڏير ڏهن سالن جو هئو هن جي سس گذاري وئي. روشن کي هن ماءُ جو ڀرپور پيار ڏنو. گڏي ۽ پپو ته هن گهر ۾ پوءِ آيا. روشن وڏندو ويو ۽ ديپڪ پيٽ کي پٽيون ٻڌي روشن کي ڊاڪٽري پڙهائي.

سونهن ۾ ڪوٺ ڏسڻ ۾ نه اچي ان لاءِ مينا وچ ۾ پيٽ ڪرائي سڄي پلاٽ کي پن پاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو.

جيوتي مٿين خيالن ۾ ايڏي محو هئي جو ڪيڏي مهل سنجها ٿي وئي ۽ اونده اچي ڪمري تي قبضو ڪيو هن کي خبر ئي نه پئي. جڏهن ديپڪ ٿورو ڪنجهيو ته هن کي سمڪ پئي. بتي ٻاري هن ديپڪ کي پلنگ تي وهاڻن جو سهارو ڏئي ويهاريو ۽ پوءِ سنجها ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳي.

پوڄا ۾ اچان وڃي مس ته سندس اٺن سالن جي گڏيءَ پنيان پنيءَ تي جهومندي گلي ۾ ٻانهون وجهي چيس ”مميءَ، ڏياريءَ لاءِ ڪپڙا ۽ ڦٽاڪا وٺڻ ڪڏهن هلنديءَ؟ ڏس نه چاچي چاچيءَ مانٺوءَ کي ڪيترا ڦٽاڪا ۽ نوان ڪپڙا وٺي ڏنا آهن؟“

جيوتيءَ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. ٻارن کي ڪهڙي خبر ته ڏياري صرف پئسي وارن لاءِ آهي. بنا پئسي ڪجهه به نه ملندو. پاڻيءَ وانگر ديپڪ جي بيماريءَ تي خرچ ڪرڻ کان پوءِ به هو اڄ به بستري داخل آهي. ڏياريءَ جي خوشيءَ جي اُمنگ يا اُتساه جيوتيءَ ۾ بلڪل ڪونهي. پر ٻار ته وري به ٻار آهن اُنهن کي ڪيئن سمجهائجي؟ سندس ڏير ڏيراڻيءَ جو رخ ته هنن ڏانهن رکو ئي ويو آهي. روشن صرف هڪ ٻه دفعا اچي پاڻ کي ڏسي ويو آهي. جيوتيءَ به تي

نه ڪيئن ڪم ٿپي ويو پر ٻئي ڏينهن کان هوءَ روشن
جا ڪن ڪاٽڻ لڳي. هن جا تن، من تپائي ڏنائين،
چي ”هن گهر ۾ هڪ منٽ به رهڻ مشڪل آهي نه
ڍنگ جي جاءِ نه صوفا. آخر اسان کي اوچي سوسائٽيءَ
۾ اٿڻو ويهڻو آهي، ڪير اچي ته ويهارجي ڪٿي؟“

روز روز جي ڪل ڪل کان تنگ اچي روشن
پڇيس ته ”آخر ڪرڻ ڇا گهرجي؟“ ته مينا پنهنجي
اِڇا ظاهر ڪندي چيو ”اسان الڳ ماڊرن بنگلو ٺاهي
رهنداسين ۽ اُن کي خوب سينگارينداسين. اسان ٻئي
هيڏو ڪمايون ٿا. سماج ۾ اسان جي ريپوٽيشن آهي.
هيئن ڪم ڪيترا ڏينهن هلندو؟“

روز گهر جي شانتي بگڙندي ڏسي آخر ديپڪ
به هن کي الڳ رهڻ جي صلاح ڏيندي چيو ”روشن
جيڪر مينا چاهي ٿي ته ڀلي الڳ بنگلو ٺهرائي.
مون ۾ ته ايڏي سمرٿي ڪونهي پر اسان ڪو دلين
سان جدا ٿوروئي ٿا ٿيون؟ پئسو ته ڪمائجي ئي سک
وٺڻ لاءِ ٿو پوءِ ٿون ڇونه ٿو سک ڀوڳين؟“

جاءِ ته پيءُ جي هئي جنهن تي ٻنهين جو حق هئو.
اڄ جاءِ ڊهرائي مينا ماڊرن بنگلو ٺهرايو ۽ اڄ جاءِ
پراڻي روپ ۾ ئي رهي جنهن جي حالت ڏينهون
ڏينهن خراب ٿيندي پئي وئي. ماڊرن بنگلي جي

ڪن جي ڇپڇت ۾ اچي ٻارڻ کي نه بچائي سگهي ۽
هوش ٿي ڪري پيئي.

اچان اِهو حادثو ٿيو ئي پيئي ته اندران روشن ۽
نا مونٽو مونٽو ڪندا پهچندا پيئي آيا. هنن جيوتيءَ
مانٽوءَ کي بچائيندو ۽ خود زخمي ٿيندو ڏٺو هو.
شن ڏٺو هو. روشن ڏٺو ته جيوتيءَ جي هڪ ٻانهن
افي سڙي چڪي آهي ۽ سر تي به ڪافي سيڪ
اٿس جو ڦڦاڪن پري تائين به هن جي پٺ نه
ي هئي.

روشن ۽ مينا نه ڪئي ھر نه ٿر. نوڪر کي ٻنهي
ن جي سنڀال جو ضمو ڏئي، ڪار ۾ جيوتيءَ کي
اسپتال ۾ روانا ٿي ويا. هڪ ته ڏياري ٻيو رات
وقت. ڊاڪٽر ته ڏڻ ملهائڻ جي موج ۾ هئا پر
شن جا حوصلا خطا هئا. ڀڄ ڊوڙ ڪري ڊاڪٽرن
هٿ ڪيائين. جيوتيءَ کي آڪسيجن چاڙهي وئي،
تي مرهم لڳايو ويو پر هوءَ هوش ۾ ڪونه آئي.
شن ۽ مينا هن جي اهڙي حالت جو ذميدار پاڻ
پيا سمجهن. روشن ايشور کي ليلائي وينتيون پيو
ي ”هي پريو مون اڄ تائين توکان ڪجهه نه گهريو
پر اڄ منهنجي ديوي سروپ ڀاڄائيءَ کي جيون
ڏي جيئن مان ڀاءُ ڀاڄائيءَ جي شيوا ڪري جنهن

دفعا نيزاريون ڪندي چيس ته ”تون ڊاڪٽر آهين پاڻ کي ٺيڪ ڪري تو سگهين.“

پر هو اِهو چئي پاسيرو ٿي ويو ته ”ٻُنهنجن جي دوا نه لڳندي آهي، هان چئو ته سٺا ڊاڪٽر ٻڌايانــوَ.“

اِهو جواب ٻڌي جيوتيءَ کي چوڻ لاءِ ڪجهه نــه رهيو آهي. سٺن ڊاڪٽرن جو مطلب آهي وڏي فِي ۽ مهانگيون دوائون.

اڄ ڏياري آهي، روشن جــي اڌ ٻالڪ نــگه روشنــيءَ سان جڳمگائي رهي آهي. مينا سڪ جي تمام چمڪيلي ۽ مهانــگي ساڙهي پاتي آهي. ڳهه ڳنا پائــي خوشيءَ ۾ نٿي ماپي. پاڻ ڏيئا وچي ٿي روشن ڪندي.

هوڏانهن ٻالڪ نــگه جو اڌ پاسو اونداهيءَ ۾ غرق لــڳو پيو آهي. دليپ جي ٻارن اڄين ڏياريءَ وارن ڪپڙن کي ئي مِن ماري پاتو آهي. جيوتيءَ جي مِن ۾ خوشي نه آهي نڪو هُن نوان ڪپڙا ئي پاتا آهن.

هوڏانهن گڏي ڦٽاڪن جي موج ڏسڻ لاءِ ماءُ کــي ساڙهيءَ جي پلوءَ کان گهليندي ٻاهر ٿــي اچي جتــي مونٿو چٽــگائي ٺيلي ٻاري رهيو آهي. ٻــرسان ڦٽاڪن جو ڍڳ رکيو آهي. چٽــگائي ٺيليءَ جون چٽــگون هــن ڍڳ کي باهه لــڳائي ڇڪيون آهن. جيوتيءَ گڏيءَ کي ڏکو ڏيندي ٻري ڪيو ۽ پاڻ مونٿوءَ کــي بچائيندي

هٿ رکي چيائين ”ديدي مون کي معاف ڪندا.“

جيوتيءَ چيو، ”ڇاجي معافي ڇري آهين ڇا؟ مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان.“

هاڻي سڀ ڪار ۾ گهر آيا. جتي ديپڪ ٻه چنتا ۾ ليٽيو پيو هئو. روشن ديپڪ کي ڏيــاريءَ جون واڌايون ڏيندي ڀاڪر ۾ ڀري ٻاهر روشني ڏيکارڻ آڻيو جتي مونٽوءَ کي خوش ڏسي سڀني جي دل جا ڏيئا روشن ٿي ويا. هوڏانهن سڀ وڏا هڪ ٻئي جي سد ڀاونا جي ڪري خوشيءَ ۾ نـه پيا ماپن. هيڏانهن ٻار سڀ گڏجي ڦٽاڪا ٻاريندي تاڙيون وڄائيندي مٺڙ سر ۾ ڳائي رهيا هئا:—

ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنـو
نـديو وڏو چيٽر مٺو—2

—∘—

فرض کي پالجي ويو هوس اُهو فرض پاڙيان. پاپيءَ پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي منهنجي گهر جو چراغ روشن ڪيو آهي مان به پنهنجي پاڻ جي گهر جي روشني وسامڻ نه ڏيندس." هو زور زور سان روئڻ لڳو.

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ جيوتيءَ کي هوش آيو ته هن جي وات مان اهي ئي شبد نڪتا "مونٽو، پٽ مونٽو."

روشن پاڄائيءَ کي آٿت ڏيندي چيو، "پاپي مونٽو بلڪل ٺيڪ آهي. ها توهان به دهشت جي ڪري بيهوش ٿي ويا هئا ۽ مونٽوءَ کي بچائيندي ٻانهن ساڙي ويٺا."

جيوتيءَ چيو، "مونکي ڇڏ، ٻڌاءِ مونٽوءَ کي ته ڪجهه ڪونه ٿيو؟"

"نه پاپي مونٽوءَ کي ته توهان بلڪل بچائي ورتو."

جيوتي – "سچ!"

روشن – "سچ! پاپي وشواس ڪيو."

جيوتيءَ ڏٺو ته ميتا جي اکين ۾ پڇتاءَ جا آنسون هئا. جيوتيءَ کي هوش ۾ ڏسي هوءَ هن سان چنبڙي پئي ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. پوءِ پيرن تي

جهڙي رواجي ڇوڪري جيڪا ڏهون درجو پاس هجي
۽ رنگ روپ ۾ خاص ڪونه هوس پر سندس پيءُ 50
هزار ڏاج ۾ ڏيڻ قبوليو هو. ان لالچ ۾ نريش وڪامي
ويو. نريش بي.اي پاس هو ۽ ڪنهن انگريزي فرم ۾
سٺي عهدي تي هئو. هو ڏسڻ ۾ فلمي ائڪٽر کان
گهٽ نه هو پر نرملا جهڙي رواجي ڇوڪريءَ کي پائي
هن جا سڀ سپنا چور چور ٿي ويا هئا. هو نرملا کي
پنهنجي اوچي سوسائٽيءَ ۾، پارٽين ۽ جلسن ۾ گڏ وٺي
وڃڻ جي لائق نه سمجهندو هو. هوءُ چاهيندو هو سندس
زال هجي ها ڪا هيروئڻ جيڪا سوسائٽيءَ ۾ سهڻي
سنهيري هن سان گهمي ڦري هان ۽ وري پنجاه هزار ته
ته هن کي ڏنهن، ڪپڙن ۽ گهريلو سامان جهڙي روپ ۾
مليا هئا. نريش جي هٿ ڪيش ڪجهه نه آيو هو. ان جو
ساڙ به هن جي من ۾ هو. نرملا جي سس ته تمام لالچڻ
هئي. هر وقت چاهيندي هئي ته پيڪن مان هوءَ وڏي
رقم آڻي ته هن گهر جو سڌارو ٿئي، جو نريش جي
پگهار ئي هڪ آمدنيءَ جو ذريعو هو، جيڪو اڄ جي
مهانگائيءَ ۾ گهٽ هو. شروع ۾ نريش وٽ اسڪوٽر
به نه هو تڏهن نريش ۽ ماڻس نرملا جي پنيان هٿ
ڌوئي پيا ته هوءَ پاڻس کان ڏهه هزار وٺي اچي جو
نريش کي آفيس يا ڪنهن ٻئي هنڌ به وڃڻ ۾ ڏکيائي

نئين راهه

جڏهن هن جي اک کلي هن پاڻ کي اڻڄاڻ جاءِ تي ليٽيل ڏٺو. عجب مان هن آس پاس نهاريو. هن جي پلنگ جي ڀرسان هڪ پيرسن ڏاڍي خوشيءَ ڀري اکين سان هن ڏانهن نهاري مشڪرائي رهيو هئو. نرملا عجب وچان پڇڻ چاهيو، "مان ڪٿي آهيان؟" پيرسن هن جي اکين جي سوال مان سمجهي جواب ڏنو "پٽ تون منهنجي گهر ۾ آهين." "توهان جي گهر ۾... .... توهان ڪير آهيو؟" "تون ياد ڪر، تون ڪٿي هئينءَ؟"

نرملا نراڙ تي آڱريون ڦيرائي ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. اکيون ٻوٽڻ تي هن کي سئنيما جي ريل جيان گذريل زندگيءَ جو سڀو سڀين ياد اچي ويو. نرملا صبوح جو 5 بجي کان رات يارهين بجي تائين گهاڻيءَ جي ڍڳي وانگر پئي گهر پئي سس سهري جي سيوا ۾ ڳهندي هئي. نرملا جي شادي چار سال اڳ نريش سان سندس ماءُ پيءُ جي مرضيءَ سان ٿي هئي. ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ۾ نريش جي ماءُ نرملا

ان پاڻ پڙهائيندو هو. پهرين ته هو نرملا تي صرف
رين جا وسڪارا ئي ڪندو هو پر هاڻي ته ڪلمڪلا هن
ي ٿڦڙون، مڪن جو وسڪارو ڪرڻ لڳو. وقتي وار
ڳڙي ڇڪي وٺي لوڏا ڏيندو هوس. اهو نظارو نريش
ي ماءُ خوشيءَ سان ويٺي ڏسندي هئي ۽ نرملا جو
هرو ته چڻ گهر ۾ هئو ئي ڪين، جوءِ جو غلام گهر ۾
لام ٿيو پيو هلندو هو.

نرملا هڪ ڏينهن تنگ ٿي سس کي چيو، "ممي،
وهان هن کي سمجهايو ته روز پيئڻ ڪا ٺيڪ نه
هي، هن جي دوستي به ٺيڪ نه آهي سڀ پيڪڙ تا
ڳن جيڪر توهان ضابطو نه ڪيو ته اسان جو گهر ئي
باد ٿي ويندو."

ان تي سس هٿ نچائي چيو "ڇئين ڇا ٿي؟
نهنجو پٽ لکن ۾ هڪ آهي مڙد ئي شونق نه ڪندا
ڇا سڀ جو قسم کٽي ويهي رهندا؟ شراب ۽ دوستي
اڄ ڪلهه فئشن آهي. جوانيءَ ۾ اهي شونق نه ڪندو
ڪڏهن پيرائي ۾ ڪندو؟ ڏس نه وڏن ماڻهن جي
ٽن سان تڏهن ڪان دوستي ٿي اٿس. ڪارهين وارن
سان پوءِ اهڙو سنگ سنو ٿيو يا خراب! اهڙو سنگ ڇڏي
ئي ڇا؟"

پوءِ اُن ڏينهن نريش کي ماءُ اهڙو برغلايو جو

ٿي ٿئي. خير ان ڏکيائيءَ کي نرملا به محسوس ڪيو.

نرملا کي روز گهٽ وڌ گارهيون مڙس ۽ سس جون ڪائٽيون پونديون هيون. اهو قصو ڏينهون ڏينهن ويو وڌندو. تڏهن دکي ٿي هن روئي پنهنجي پاءُ کان ڏهه هزار گهريا. پاڻس به پيڻ جي صدقي ڏئي ڇڏيا جيئن پيڻس کي ساهرا تڪليف نه ڏينس. پر اهو قصو هر سال دوهرايو ويندو هو. ٻئي سال گرمين ۾ فرج جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. هو ڏينهن نريش پنهنجي دوستن جي محفل گهر ۾ لڳائيندو هو. پهرين ته چانهه پارٽي ٿيندي هئي پر هاڻي ته پيڳ هلندا هئا. نرملا کي ڇنڇر آرتوار هفتي ۾ ٻه ڏينهن ته انبا او ٻاري تيار رکڻا پوندا هئا ۽ قيمو يا ڪڪڙن جا پڪوڙا تري نريش جي دوستن جي آجيان ڪرڻي پوندي هئي. اها صحبت اهڙي سنگ ۾ مٽجي وئي جو نريش شراب جو غلام ٿي ويو. هاڻي ته هن جي پگهار اڌ کان وڌيڪ شراب ڪباب ۾ اڏڻ لڳي. نريش همت تنگ محسوس ڪرڻ لڳو.

گرمين ۾ ته شراب لاءِ برف ضروري آهي جيڪا هو بزار مان گهرائي بيزار ٿي پيو پوءِ فرج لاءِ نرملا کي پيڪن مان پئسا يا فرج جو گفٽ وٺڻ جو طوطي

جڏ باس هن کان موڪلائي پري هليا ويا. هڪ مهيني ينتر وانگر صبوح کان شام بس ڪم ئي ڪم. پنهنجي لاءِ سوچڻ جي هن کي فرصت ئي ڪٿي هئي؟ ۽ هاڻي وري ڪمري لاءِ ڏهن هزارن جي گهر تي هن تي روز ظلم ٿيندا هئا. هاڻي صبوح کان رات ٽائين مار ڪٽ ۽ نرملا جو روئڻ هلندو هئو پر هن دفعي هن سوچي ڇڏيو هو ته هوءَ ياهُ کان هاڻي ڪجهه نه وٺندي جو هن کي به 5 ٻينر هيون. پنجن ٻينرن ۾ هڪ ٻياهُ شايس اٿس جو سينهي جا نڱه وينو نپائي. جڏهن ڪ نريش کي هڪ به ٻيڻ ڪونه هئي نه ته شايد هڪ جا نڱه به نه نپائي سگهي ها.

سو اُن ڏينهن نرملا رات تمام دير سان سمهي. دير سان سمهڻ ڪري صبوح جو اُٿڻ ۾ دير ٿي ويس نرملا جي سس ته ڪک ڪٽي ٻيٺو ڪونه ڪندي هئي بس نرملا تي حڪم هلائڻ ۽ هن جي ڪمن مان وڏون ڪيڻ جو ڪم ئي هئو هن جو. نيرن ٺاهڻ کان پوءِ روٽي ٽيبل تي پهچڻ ۾ ڏهن پندرهن منٽن جي دير ٿي وڃڻ تي نريش اهڙو اچي ڪاوڙيو جو روٽيءَ جي ٿالهي زور سان اُڇلي نرملا کي گاريون ڏيندو ڇوڙ لڳو "بس هاڻي روٽي به وڃي هوٽل تي کائيندو پوندي. اڻ پڙهيل خبر به اٿئي ته 9.40 تائين ۽ مونکي

نريش آفيس کان ٻاهر ٿي ويو ۽ نرملا تي ٽابڙ ٽوبڙ مڪون، ٿڦڙون، ڏڪ هڻي هن کي اڌ مئو ڪري ڇڏيائين.

پر نرملا الائي ڪهڙي مٽيءَ جي ٺهيل هئي. رات جو ڇا ٿيو سڀ وساري صبوح جو وري ٻنهين جي شيوا ۾ لڳي ويندي هئي. چانهه ڏيڻ کان پوءِ نيرن تيار ڪندي هئي. سڀني کي نيرن کارائي برتڻ صاف ڪري وري منجهند جي تياريءَ ۾ لڳي ويندي هئي جو نريش سائين نوين بجي روٽي اچي پوءِ کائي ويندو هو.

روز روز جي مار کان ڇٽڻ لاءِ نرملا جي پيءُ فرج ڏيڻ به قبوليو ۽ دهليءَ مان پارسل ڪرائي موڪلي ڇڏيائين. خير نرملا سامت جو ساهه کنيو ته هاڻي ڪٽ وٺڻ جي نوبت نه ايندي. پر ڪجهه ڏينهن ۾ ئي نرملا جي سس هڪ ٻيو رينگٽ لڳائي ڏنو ته گهر ۾ ٻه ڪمرا گهٽ ٿا ٿين ٽيون ڪمرو ٺهرايو. پر اُن لاءِ پئسو ڪٿي ۽ پئسو عيشن کي گهٽائي جمع نه ڪري نرملا کي آڻڻو هو. نرملا روز مارون کائڻ لڳي. هن پنهنجو سويمان، آتم سنمان، عزت ۽ جذبات کي جڻ ٽاڪ تي رکي ڇڏيو هو ۽ هاڻي جڻ هلندڙ چلندڙ لاش ٿي پئي هلندي هئي. هن جي من جا سپنا، تمنائون ۽

ون روٽي تيار ڪري رکج.“

هونئن به نرملا کي انهن ٻنهي جو ته ڪو سهارو نه
و. اڄ هن جو آتم سنمان هن کي ڌڪارڻ لڳو،
’جيڪر تو ۾ به سويمان اٿئي ته نريش کي ور ي
ڪل نه ڌڪارج.“ نريش جا اکر هن جي ڪنن ۾
ونجڻ لڳا. نرملا جو من نريش ۽ هن گهر تان کڄي
يٺو. هيڏي غلامي ڪندي به ڪنهن کي خوش نه
ڪي سگهڻ ۽ نرملا توکي هيڏي نرديه کان ته مرڻ بهتر
آهي ۽ اهو نشچو گهڙيءَ جي سٺن جي اڳيان وڌڻ
سان گڏو گڏ هيڪاري پڪو ٿيندو ٿي ويو.

پوڻا ڇهه هن گهڙي ڏني جهڙن ڪپڙن ۾ هئي
چمپل پائي هن گهر کي تالو لڳايو. پاڙي واريءَ کي
چابي ڏئي هوءَ تکڙن قدمن سان تيز هلندي رهي
هلندي رهي. ٻه غصي پريون لعل لعل اکيون جڻ هن
ي پٺيان اينديون ڏسڻ ۾ پئي آيون جن کان هوءَ
ري ٻري وڃڻ جي ڪوشش ۾ هئي جڻ ڊوڙ پائڻ
لڳي. هن کي هوش نه هو. هن جا قدم نديءَ طرف
ڌڻ لڳا. ڪلاڪ ڏيڍ پڄڻ کان پوءِ هوءَ نديءَ جي
ڪناري پهچي وئي. شام جو اندڪار دنيا تي غالب
ٿيندو ٿي آيو. اڪڙ ٻڪڙ ماڻهو هواخوريءَ لاءِ
جيڪي آيا هئا سي به موٽيا ٿي. نرملا نويڪلو ڪنارو
ڏسي ٿو ڪٽي نديءَ ۾ ٽپ ڏنو.

9.30 پهچڻو پوندو آهي. تون نوڪري ڪرين هان تہ عقل بہ هجئي ها تہ وقت جو ڪهڙو ملهہ آهي؟ منهنجي ڪرمن ۾ بہ تو جهڙي جاهل ائي پوڻي هئي. مان ٿو چوان ڪٿي دفن ڇو نٿي ٿين؟ هيءَ منحوس شڪل وري شام جو مان نہ ڏسان ڪٿي اوڙاهہ ۾ وڃي پئج." ائين چوندو آفيس جو فائيل کڻي نريش هلي ويو هو.

نرملا ڄاتو تہ نريش اڄ بہ مار ڏئي آفيس هليو ويو آهي. هاڻي ڀلا ڪسر شام جو اچي فرصت ۾ ڏيندو ڇو جو جڏهن بہ ائين ٿيو آهي تڏهن نريش همت ڪئيو آهي نہ تہ شام جو مار ڪٽ مچائي آهي. اهو سوچي نرملا پٺ جو سهارو وٺي پٽ تي ويهي رهي. هن جي بدن ۾ جڻ جان ئي نہ هئي. ڳوڙها خشڪ ٿي ويا هئا. سس سهرو روٽي کائي وڃي آرامي ٿيا پر نرملا نہ روٽي کاڌي نہ ڪنهن پڇيس. وقت ڀلا ڪنهن جي لاءِ ترسيو آهي؟ گهڙيءَ جون سيون ويون ڪسڪنديون ۽ جيئن جيئن شام جو وقت پرسان ايندو ٿي ويو تيئن تيئن نرملا جون واڳون بيتال ٿينديون ٿي ويون تان جو اچي شام جا پنج لڳا. نريش ڇهين بجي ايندو هو. نرملا جو سس سهرو تيار ٿي اهو چئي هليا ويا تہ "اسين تلسائيءَ جي گهر ڪلاڪ بہ ٿي ٿا اچون

ائي پنهنجو من هلڪو محسوس ڪرڻ لڳي.

پيرس سمجهائيندي چيس "پٽ مرڻ ڪنهن سمسيا
و سماڌان نه آهي مڙس تي انهن مشڪلاتن کي منهن
ڻ ئي انسان جو فرض آهي. اڄ اسي فـــي صدي
الون نرڳه جو جيون گذاري رهيون آهن پر هينئر وقت
هي انهن جي جاڳڻ جو. استري ۽ پرش گاڏيءَ جا
ه ڦيٿا آهن جيڪي برابر آهن پوءِ استريون ئي انياءُ
چو سهن؟ انياءُ سهڻ وارو انياءُ ڪرڻ واري کان وڌيڪ
ڏوهي آهي. ان جو هڪ ئي اپاءُ آهي ته ناريون پنهنجي
پيرن تي بيهي پنهنجي آتم سنمان کي برقرار رکن ۽ نرلش
جهڙن مردن کي سبق سيکارين ۽ انهن جي غلام رهڻ
ڪان سواولمبي (آتم نربر) جيون گذارڻ جو پرڻ ڪن ۽
جيڪر اهڙا مڙد وري به نه سڌرن ته انهن کـــان الڳ
ٿي زندگيءَ کي سرڳ بڻائي فخر سان جيئڻ سگهن."

نرملا "بابا، جڏهن توهان مونکي پـــٽ چيو آهي
ه ان حساب سان توهان به منهنجا پتا ٿيا. مان توهـان
جي ڳالهين سان سهمت آهيان."

پيرس، "ته پوءِ پٽ ڇا تو واپس نرلش وٽ وڃـڻ
جو فيصلو ڪيو آهي؟"

نرملا "نه، نه بابا هرگز نه. مان وري هن نرڳـــه ۾
وڃڻ جي ته ڪلپنا به نٿي ڪري سگهان."

اِتفاق سان ٽپ ڏيڻ تي ڇپاڪ جو آواز هڪ موٽندڙ پيرسن پڌو پنهنجي ڌنڌلي اکين سان هن ڏٺو ڪير پڌو ضرور آهي. هن واڪا ڪيا بچائو بچائو. ايشور جي مهر جو واچمين اُتي پرسان اُئي ويٺو هو تنهن اچي جلد نرملا کي پاڻيءَ مان ڪڍيو پر نرملا جي مٿي تي پٿر جي ڇهنب گهڙي وئي هئي جنهن ڪري رت وهڻ لڳس ۽ هوءَ بيهوش ٿي وئي. واچمين نرملا کي پيرسن سان گڏ سمجهي هن کي پيرسن جي گهر پهچائڻ جي ذهمت ڪئي. ڊاڪٽر کي گهرائي پيرسن نرملا جي جانچ ڪرائي پٽي ڪرائي.

ڊاڪٽر چيو، ”ڊپ جي ڪا ڳالهه نه آهي.“ نرملا گهري گهاو جي ڪري 24 ڪلاڪ بيهوش رهي ۽ هيٺئين هن جون اکيون کليون هيون. اکين آپدائن کي ياد ڪري نرملا جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا. هوءَ هٿن ۾ منهن لڪائي زور سان روئڻ لڳي. تڏهن پيرسن هن کي تسلا ڏيندي چيو، ”پٽ تون آتم گهات لاءِ ڇو تيار ٿينءَ؟ ڇا تنهنجي ڪا مجبوري هئي؟“ نرملا چپ. ”تون مونکي پنهنجو پيءُ سمجهي ٻڌاءِ.“ ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن نرملا سامت ۾ آئي ته پيرسن کي پنهنجي گذريل زندگيءَ جي ڪهاڻي

ڏيھُ وڇڙيل ماڻھُ کي گھڻي وقت کان پوءِ گڏي ھجي.
نرملا ”بابا، او منھنجا بابل.“
پرسن ”پٽڙا منھنجا نرمل پٽڙا“ ۽ پرسن نرملا جي وارن تي سنيھ پيو ھٿ ڦيرڻ لڳو.
اڄ کان ھنن جي نئين راھ شروع ٿي ھئي.

پيرسن ”پيلا پٽ تون گهڻو پڙهيل آهين؟“

نرملا ”بابا مان صرف ڏهون پاس آهيان.“

پيرسن ”پٽ تون فڪر نہ ڪر. ضروري نہ آهي تہ سڀ استريون آفيسن ۾ وڃي نوڪري ڪن تون گهريلو اُديوگ ڌنڌو شروع ڪري پنهنجو جيون پالڻ ڪري ٿي سگهين ۽ پنهنجي پيرن تي اٿي ٿي سگهين.“

نرملا ”ها، بابا مان پاپڙ، ڪيچا، ڪيڙيون چپس ڪري ڄاڻان ونڪي ٽماٽو ساس، جيم ۽ طرح طرح جا مربا ۽ آچار ٺاهڻ بہ ايندا آهن.“

پيرسن ”ها پٽ تون گهر ۾ گهريلو ننڍي چڪي رکي اُن ۾ مرچ مسالا پيهين پئڪ ڪري ڏيندينءَ تہ مان دڪانن تي سپلاءِ ڪري ايندس. مان پنهنجي قوس آهر توکي مالي ۽ جسي مدد ڪندس تون دل ننڍي نہ ڪر منهنجا پٽ.“

نرملا جو سو پيمان اڄ جاڳي اُٿيو. اڄ هن جي نئي زندگيءَ جي شروعات ٿئي ۽ هن جو گرو هو هن جو اڻ سڃاتل پيتا.

نرملا جي اکين ۾ پريم جا ڳوڙها تري آيا. سنيهہ وس هوءَ پيرسن سان لڳي چنبڙي گڏي جيئن ڪا

رستي ۾ ايندي وقت هن گيتا کي چيو، "ڇو گيتا
اڄ راجو اسڪول ڪونہ ويو آهي ڇا؟"

گيتا سهڄ سڀاءَ چيو، "ها، ها، هو تہ اسڪول
ويو آهي."

نيتا چيو، "پر مون تہ بزار ۾ هن کي پاڙي جي
سائيڪل تي گهمندو پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي."

گيتا کلي چيو، "نہ نہ تون ڀُلي هوندينءَ راجو تہ
اسڪول ويو آهي." خير گيتا گهر هلي آئي.

شام جو نيتا گيتا جي گهر آئي تہ راجو گهر ۾ ئي
هو. نيتا گيتا کان پڇيو "تہ تو راجوءَ کان پڇيو
تہ هو اسڪول ويو هئو يا نہ؟"

گيتا تڏهن راجوءَ کي سڏ ڪندي پڇيو، "راجو
تون اڄ اسڪول ويو هئين يا نہ؟"

راجو ان سوال جو جواب ڏئي تہ ٻيو سوال
ڪيو، "نيتا آنٽي چوي ٿي تہ تو بزار ۾ سائيڪل
ٿي هلائي؟"

راجوءَ جو منهن ڦڪ ٿي ويو همت ڪري چيائين،
"ممي مان تہ اسڪول ويو هوس."

ان تي گيتا کلي ڪري چيو، "مون چيو ڪونہ
پنهنجو راجو اهڙو ڪونهي جو اسڪول گسائي. ضرور
توکي غلط فهمي ٿي ٿيئي، نيتا جون تہ ٻہ ٻہ وڄون،

انڌي ممتا

گهر جو ڪم ڪار لاهي گيتا تيار ٿي ويٺي. هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو گيتا ۽ نيتا گڏجي خريداري ڪرڻ نڪرنديون آهن. گهر جو راشن پاڻي، ڀاڄي ڀتي ڪٺي وٺي خريد ڪري ڪلاڪ ٻن ۾ واپس اچي گهر سگهي ٿينديون آهن.

ٻئي ڀاڙيسري آهن پر پريم سڳين ڀينرن کان بـه گهٽو. ٻنهي جا گهر وارا گوپال ۽ گڻيش بـه هڪ ٻئي جا جگري دوست آهن. روز هڪ ڦيرو هڪ ٻئي وٽ نه ڪن ته ماني ئي هضم نه ٿئين.

ٻئي ڏينهن نيتا جي گهر مهمان اچڻ وڃڻ ڪري هن کي وري بزار وڃي ڏهي، ڀاڄيون، ڦل وٺي اچڻ پيا.

هن پري کان ڏٺو ته گيتا جو پٽ راجو ڀاڙي جي سائيڪل تي گهمي رهيو آهي. هن کي عجب لڳو جو اسڪول کليل هئا، اڄ موڪل به ڪونه هئي پوءِ راجو ڪيئن پيو مٽر گشتي ڪري؟

ن ڪپڙا مٽائي اچهو ته آيس." گيتا ڪم ۾ مشغول
ي. گڻيش چيس، "ڪو خبر پاپـــي ڪهڙو حال
ي؟"

گيتا جواب ڏنو، "ٺيڪ آهي."

هيڏانهن هوڏانهن نهاري گڻيش چيو، "پاپـــي!
اجو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ هوئن ته شام جو اسڪول
ا ڪم پيو ڪندو آهي؟"

گيتا چيو، "هو ته دوست وٽ پڙهڻ ويو آهي
تي ئي اسڪول جا ڪم به ڪري ايندو. مونکي
ڪم مان فرصت ڪونهي ۽ پٽس به ٿڪي ٿو اچي.
اڻ سنو جهنجهٽ اتي ئي ختم ڪري ايندو."

گڻيش دل ۾ چيو ته چوانس ٿو ته برابر اسڪول
جا ڪم وٺو ڪري توهان جو پٽ پر وري اهو
سوچي ته گيتا وشواس نه ڪري ڪجهه جـــو ڪجهه
چئي نه ڏئي ۽ منهنجي من ۾ به دک ٿـــي پوي
ان ڪري چپ رهيو ۽ گوپال سان گڏ نڪري ويو.

اڃان هفتو کن ئي ڪونه گذريو ته پـڌڻ ۾ آئن
نه راجو گهر مان ڀڄي ويو آهي.

نيتا ۽ گڻيش به ٻڌو پـــر ٻڌي اڻٻڌي ڪري
ڇڏي. نيتا ته همدرديءَ لاءِ به گيتا وٽ وڃڻ لاءِ
تيار نه هئي پر گڻيش هن کي پاڙيسريءَ جو فرض

ڇهه ٻه ڏينهن. راڄو کهڙيءَ نه صفائيءَ سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو ۽ ماڻس هن تي وشواس ڪري رهي هئي. شايد هن کي نيتا کان وڌيڪ وشواس راڄوءَ تي هو.

خير نيتا جو من خراب ٿي پيو. هوءَ اٿي کڙي ٿي ۽ گهر هلي آئي.

گهر اچي هن گڻيش کي ٻڌايو ته ڪيئن راڄو اسڪول ڪونه ويو ۽ ماڻس هن جي ڳالهه تي وشواس نه ڪيو.

گڻيش کي ڏاڍي غصو اچي ويو. چيائين، ”مان ٿو چوان تون پٽن جي ڳالهين ۾ دست اندازي ڇو ٿي ڪرين؟ نه ويو ته نه ويو ممتا ته انڌي ٿيندي آهي. ڪنهن به ماءُ کي پنهنجي پيار ۾ ڪو کوٽ نظر نه ايندو آهي.

ٻئي چوٿين ڏينهن گڻيش آفيس مان موٽندي راڄوءَ کي سئنيما جي ڪڙڪيءَ تي ٽڪيٽ جي لائين ۾ بيٺي ڏٺو. هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڇا؟ هن جو شڪ مضبوط ٿي ويو. گهر اچي چانهه پي هو سير ڪرڻ نڪتو ته گوپال کي به سڏ ڪيائين. صبوح شام ٽهلڻ تندرستيءَ لاءِ مناسب آهي ۽ گهڻو ڪري ٻئي گڏ نڪرندا هئا. گوپال چيس، ”ٻيهه!

ٻئي هڪ ٻئي تي ڏوهه مڙهڻ لڳا. گڻيش ٻنهي
شانت ڪندي چيو، ”هاڻي توهان شانت ٿيو ته
ڪي ڪو ڳولهڻ جو ٻلو ڪجي.“

گوپال ته هٿ مٿن ڪي ڏئي ويهي رهيو. چياٺين
مونکي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي.“

گڻيش چيس، ”هاڻي مڙسي ڪيو. هلو ته ٻهرين
جوءِ جي دوستن وٽ ٿا هلون جن وٽ هو اڪثر
ويندو هئو.“

ٻئي اسڪوٽر تي چڙهي ڪافي دوستن وٽ ويا
سڀني چيو ته راجو ٻن ڏينهن کان اسان وٽ ڪونه
يو آهي ۽ اسڪول جي اُنهن سائين ٻڌايو ته راجو ته
رصي کان اسڪول ۾ ڪونه ويندو هئو. اهو ٻڌي هو
سڪول پهتا. خبر پئي ته راجوءَ جو نالو اسڪول مان
ڪٽجي چڪو آهي ۽ مهني کن کان هو اسڪول ڪونه
يو آهي. نڪو ئي پنهنجي في ڀري اٿائين.“

اهو ٻڌي ته گوپال جڻ آسمان تان ڪريو. هن کي
پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. هو هر مهني في ٻه
راجو کي ڏئي ڀرائيندا هئا. رسيد وٺي رکڻ ايترو به
هنن وٽ وقت نه هئو. اسڪول جو هوم ورڪ ۽ ڪلاس
رڪ به ڪري ٿو يا نه. ان جي چڪاس ٻه ماهه پيءُ
ئي ڪرڻ جڳائي پر ٻنهي زال مڙس انهيءَ جي

نياڻڻ لاءِ ٿي هلڻ جي لاءِ تيار ڪيو.

جڏهن ٻئي گوپال جي گهر پهتا تہ ممڻ متو پيو
هو. ڪافي ماڻهو همدرديءَ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا ۽ گيتا
روئي روئي اڌ مئي ٿي وئي هئي.

نيتا کي ڏسي تہ هن کي چنبڙي پئي ۽ هيڪاري
اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، ”نيتا
جنهن ڏينهن تو ڇيو هو اُنهيءَ ڏينهن ئي مان اک
پٽيان ها تہ هيءُ ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها.“

گوپال - ”تہ ڇا نيتا کي خبر هئي؟“

گڻيش نيتا واري ڳالهہ گوپال کي ٻڌائي تہ هو
ڪروڌ ۾ ٻرجي ويو. چوڻ لڳو، ”هن تہ مون سان ڪا
ڳالهہ ئي ڪونہ ڪئي. اندي ممتا ۾ ويڙهجي پت جي
اَوگڻن تي پردا پئي ڪيائين. گهڻي لاڏ پيار جو ئي
اِهو نتيجو آهي جو هو ايڏو بگڙي ويو. هن جي
ايڏي همت ٿي جو ڀڄي ويو. پر بہ وچي پ نڌ
پوي اهڙي پت کي ڳولهي وري گهرو مٺهن ڪٽي
گهمندس؟“

اِهي اکر ٻڌي تہ هيڪاري گيتا زور زور سان
روئڻ لڳي، ”ڏنو! ڏنو توهان پيءُ جي ڪنو
وهنوار جي ڪري ئي منهنجو لال مونکي ڇڏي
ويو هلي.“

سالي ڪنهن سان؟

گڻيش ۽ نيتا نيم سان روز شام جو هنن جي شيوا ۽ همدرديءَ لاءِ ايندا هئا. آٿت ڏيندا هئا - ”ڀاڀي توهان خيال نہ ڪريو، ايشور تي ڀروسو ڪريو. راجو ضرور واپس ايندو.“

پر گيتا کي تہ اڄايا سڄايا خيال اچي پاڳل بڻائي ڇڏيندا هئا - ”الائي منهنجو لال ڪهڙي حال ۾ هوندو. اڃايل، بکايل الائي ڪٿي ڀيو ڀٽڪندو هوندو. الائي هن دنيا ۾ بہ آهي الائي نہ؟“ انهن ڇنئي روئڻ لڳندي هئي.

چنتا آهي چتا سمان. سڪيلڌو پٽ وڃي هليو تہ اُن گهر جي حالت ڪهڙي ٿيندي.

گڻيش اڪثر آفيس جي ٽور سان احمدآباد ويندو هو. اُتي هو هڪ ننڍي ڍابي ۾ روٽي کائيندو هو. ڍابو جو اُتي صفائي بہ ڪافي رهندي هئي، روٽي بہ تازي، گرم ۽ سستي ملندي هئي. هو روٽيءَ جو آرڊر ڏئي ويٺو مس ۽ پاڻيءَ جو گلاس چپن سان لڳايائين تہ هن جي نظر ٻيءَ ٽيبل تي روٽي ڏيندي هڪ ڇوڪر تي پئي. هن جا ڪپڙا ڦاٽل، وار وڌيل ۽ پيتر تيب ۽ چهرو ڪومايل هو.

ضرورت ئي ڪونه سمجهي.

راڄو روز ڪهڙن دوستن وٽ پڙهڻ ٿو وڃي
ڪٿي ٿو وڃي؟ پڙهي ٿو يا مٽر گشتي ٿو ڪري ان
جي سڌ به پئي ڪونه لڌي.

پر هاڻي ته جهرڪيون سڄي پني ئي چُگي چڪيون
هيون. هاڻي ڪافي دير ٿي وئي هئي. هاڻي ته صرف
هڪ هٿيار ئي آخري هو، "پوليس ۾ رپورٽ ڪرائڻ."
سا به ڪرائي وئي. اخبارن ۾ اشتهار به وجهايا ويا پر
سڀ بيڪار. راڄو ته اهڙو غائب هئو جيئن گڏهه جي
مٿي تان سڱ.

گيتا ته روئي روئي اکيون ڪٺي وڃايون، بيمار ٿي
پئي. کٽ ڪٽي پڪڙ پائين. اولاد جي موهه جي جهڙي
ڪا گهٽ آهي ڇا؟ جيئن ڪاٺ کي اندر ئي اندر
اُڏوهي کائيندي وڃي ته به خبر ئي نه پوي. تيئن
گيتا کي به اندر ئي اندر ڳڻتي وئي کائيندي.

پر هاڻي ڪجهي به ڇا؟ جٿي به ڏس ملندو
هون ته اسان راڄوءَ جهڙو ڇوڪرو فلاڻي شهر ۾ ڏٺو
آهي ته گوپال جهٽ گاڏيءَ ۾ چڙهي اُتي وڃي
هن جي تلاش ڪندو هو.

پيءُ جو هردو ڪيڏو به ڪٺور هجي پر اولاد
لاءِ ته هو به مڻ آهي. اندر ۾ ته هو به ڳريو پئي پر

گڻيش راڄوءَ کي سڏ و گهر اچي ڇڏيو.
گيتا جو ته اندر ئي ٻيو پڙ و ڏسي. جڻ نئون
م مليي ويس.

گڻيش راڄوءَ کان پڇيو - ”تون گهران ڇو
ئين ؟“

راڄو - ”مان پاڻ کونه ويس، مونکي گوندا ڪٺي
يا هئا.“

گڻيش - ”پر جڏهن انهن توکي ڇڏي ڏنو ته تون
هر ڇونه آئين ؟ اتي ٻئي جو ڪم پيو ڪرين، هتي
تو ڪڏهن ماءُ پيءُ کي به هڪ گلاس پاڻيءَ جو
ري ڪونه پيارڻو ؟ نوڪر جو ڪم ڪندي توکي
رم نه آيو ؟“

لهي اکر ٻڌي گيتا جو پارو چڙهي ويو، اندي
متا وري زور مارڻ لڳي. چي ”ٻڙرو ٻيرو ڇڏي توهان
اسان کي لهي ڪرائڻ جي ڪوشش ٿا ڪيو. هڪ
ڇوڪرو مصيبت ۾ ڦاسي پيو؛ توهان هن کي
ڪڙو ڳالهائي وري گهر مان دل ڪٽي ٿا ڪرڻ
چاهيو ڇا ؟“

لهو ٻڌي گڻيش کي لڳو ڄڻ ٻم هن جي مٿان ٿي
انو. هن نيتا کي هلڻ جو اشارو ڪيو؛ ٻئي گهر کان

گوپال کي سمجهندي دير نه لڳي ته هو راڄو ئي آهي. راڄو بيخيالو هو ان ڪري گوپال وڌي وڃي راڄوءَ جي ٻانهن پڪڙي.

گوپال کي ڏسندي ئي راڄوءَ جي پيلي ڇهري تي هيڪاري هيبت هارجي وئي. هو ٻانهن سان پنهنجو منهن لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. ان تي هيڪاري گوپال جو شڪ پڪ ۾ بدلجي ويو. هن پڇيس، ”تون راڄو ئي آهين نه؟“

راڄو ته ڪوڙ ۾ ماهر هو. چيائين - ”نه مان ته رامو آهيان، ڀلي سيٺ کان پڇو.“

گوپال سيٺ کان پڇيو، ”سائين! هيءُ ڇوڪر توهان وٽ گهڻن ڏينهن کان آهي؟“

”سيٺ، ”مان سمجهان ٿو مهينو کن ٿيو هوندس. ڇو توهان هن کي سڃاڻو ٿا؟

گوپال، ”سائين! هيءُ گهران ڀڄي آيو آهي. ماءُ پيءُ هن جي ياد ۾ بيمار ٿي پيا آهن. هن جي ماءُ ته بستري داخل پئي آهي. سڄو گهر ڇڏي هت نوڪر جو ڪم ويٺو ڪري.“

سيٺ، عجب مان - ”رامو ڇا هيءُ سچ آهي؟“

راڄو ڪڇي جهڙي پيت.

نئين زندگي

اڄ هن جي خوشيءَ جي ڪا حد نه هئي. هن روپي مکڙي ٽڙي جڻ گل ٿي پيئي هئي. ٽڙي به ڇو نه؟ جواني ئي اُمنگن، جذبات ۽ خوشين جو سنگم آهي. جوانيءَ ۾ هر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي هڪ خواهش ٿي رهي. سنو جيون ساٿي ملي ۽ نئين جيون جي شروعات ٿئي.

سو مدوءَ جي قسمت به پاسو ورايو. اڄ راجڪمار جيڪو نه صرف نالي جو ئي راجڪمار هو پر شڪل شبيهه، رنگ، روپ، ناهه نوهه ۾ به راجڪمار کي مات ڪري رهيو هئو. اُنهيءَ جي راجڪمار سان مدوءَ جي مڱڻي يعني هاف مئريج شام جو پنجين بجي ٿيڻي آهي. جيون ساٿيءَ جي چونڊ تي هن کي فخر آهي.

راجڪمار بمبئيءَ ۾ ٺيڪن جو ڪم ڪندو آهي.

ٻاهر هلي آيا. گڻيش جو چهرو غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. پر نيتا جي اکين مان لڙڪ ڳري آيا. ٻنهي جي ڪيڏي نه گهٽتائي ٿي هئي.

گهر پهچي گڻيش نيتا جي ڳلن تان ٻنهي هٿن سان ڳوڙها اگهي چيو، "چري اسان ته پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي. هاڻي انڌي ممتا جي ڪري هن جو پٽ هٿن مان وڃيس ته وڃڻ ڏينس." ٻئي ان ڳالهه کي دل تان وسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

مدوءَ جي پيءُ کي هتي هفتو کن ترسڻو پيو جو ڊاڪٽرن جي راءِ جاچڻ بنا موٽڻ هن لاءِ مناسب نه هئو. مدوءَ جي سڄي زندگيءَ جو فيصلو هاڻي ڊاڪٽرن جي راءِ تي ئي قائم هئو. مدوءَ جي پيءُ پنهنجي مهرڙ ڊاڪٽر سان ڳالهايو. ڊاڪٽر چيو، حقيقت هيءَ آهي ته هڪ ته هڏيون جڙڻ ۾ وقت لڳندو. ٻيو ته جڙڻ کان پوءِ مريض جي ٽنگ ۾ ڪا وڏ رهجي وڃي ان ۾ ڪو شڪ نه آهي جو هڏيون ٻن ٽن هنڌان جڙڻ کان پوءِ قدرتي طور بگڙي سگهن ٿيون. ڪيتري به ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به پوريءَ طرح وشواس نه آهي ته ٽنگ پنهنجي اصلوڪي بيهڪ تي بيهندي. وڌيڪ ڪٿي قسمت.“

”توهان جي راءِ ۾ راجڪمار کي ٺيڪ ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو؟“

ڊاڪٽر - ”اهو چوڻ ڏکيو آهي. ڇو جو اهو هڪ ته مريض جي تندرستيءَ ۽ مرض جي گهرائيءَ ٻنهي تي مدار ٿو رکي. ٿي ٿو سگهي ڇهه مهنا لڳن يا سال به لڳي وڃي.“

مدوءَ جو پيءُ گهري سوچ ۾ پئجي ويو. ڍيمن قدمن سان هو اسپتال کان ٻاهر نڪتو. هن جي سڪيلڌي پٽ جي قسمت ۾ خوشيءَ جي گهري اُس

گهر ڀريو پاڻيهو اٿن. لڪن سان پيو راند ڪري. پيو مدوءَ
کي ڪپي چا؟ مدو به گلاب جو گل لڳي پيئي آهي.
ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي سنگيت جي. سريلو گلو وري
۾ مليو اٿس. سو جوڙي ڏسي هر ڪنهن هنن جي
تقدير کي ساراهيو. وري سون ۾ سهاڳو اهو ته ٻول
چول ڪا هئن ڪونه. بس شادي ۾ مهيني کن ڪان
پوءِ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو جيئن ٻنهي ڌرين کي
شاديءَ جي تيارين لاءِ ڪجهه وقت ملي وڃي. بس
مهورت ڪڍائڻ باقي هو ۽ ٻنهي پاسي شاديءَ جون
تياريون زوردار ٿيڻ لڳيون.

پر چوندا آهن ته ٻندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب
جي من ۾ ٻيءَ جو انت ڪنهن نه لڌو آهي. پندرهن
ڏينهن کان پوءِ مدوءَ جي گهر تار آئي ته راجڪمار
جو ڪنهن ٽرڪ ايڪسيڊنٽ ۾ ٽنگ ۾ زبردست فرئڪچر
ٿي پيو آهي.

اهو ٻڌي مدوءَ جو پاءُ جنهن جي مٿو سڪيلڌي
پئجي هئي، بمبئيءَ روانو ٿي ويو. راجڪمار اسپتال ۾
پرتي هو. هن جي ساڄي ٽنگ ۾ فرئڪچر ٿيو جنهن ۾
هڏي ٻن ٽن هنڌان ٽٽي پئي هئي. ٻي ٽنگ هلڪي
چوٽ لڳڻ ڪري ايشور جي ڪرپا سان بچي وئي
هئس.

و جو هن وقت مدي جو ٻيءَ، گهر جو بزرگ ۽ وڏو
ءَ به هوءُ ئي هو. ڪيئن هو پنهنجي ڀيڻ جي آئينده
ي انڌڪار جي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏي؟ ڏينهن قدمن
ان هلندو هو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويهي رهيو.
تاش، نراش، ٿڪل ۽ ٽٽل. ڪجھ وقت کان پوءِ ماڻس
ي همٿ ڪري هن کان حال چال پڇڻ جي همٿ
ڪئي.

”ڇو پٽ ايڏو ويچارن ۾ ڇو آهين؟ ڇا راجڪمار
جي طبيعت وڌيڪ خراب آهي؟“

ڪجھ وقت پٽ ماءُ جي اکين ۾ اکيون کپائي ويچارن
جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو رهيو. هن کي لڳو هو
زمين تي نه آهي ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ وڃي الوپ ٿي
ويو آهي. پر ماءُ جي وري ڪيڪارڻ ڪري
جڻ هو ٻيءَ دنيا مان واپس موٽي آيو ۽ پنهنجو اٽل ۽
گمڀير فيصلو ڏنو- ”امان، هيءُ رشتو هاڻي ٿي نه
سگهندو.“

ماڻس ٿڙرس ۾ اچي چيو، ”پٽ، هيءُ تون ڇئين
ڇا پيو؟“

”ها امان، مان ٺيڪ ٿو چوان. راجڪمار جيڪر
ٺيڪ ٿي به ويو ته به هن جي ٽنگ ۾ وڏ رهجي ويندي
جو هڏي ڪافي هنڌن تان ٽٽي پئي آهي. انهيءَ

۾ آرسيءَ جي چمڪي جيان جهٽ چمڪاٽ ڪري غائب ٿي وئي هئي.

ته ڇا هو راجڪمار جي نيڪ ٿيڻ جو انتظار ڪري؟ ۽ وري ايتري انتظاريءَ کان پوءِ به زندگي ۾ ڪا وڏ رهجي وئي ته ڇا سندس پيٽويو ويساکين جو سهارو وٺي عمر پر لنگڙائي هلندو؟ ۽ پوءِ ماڻهو ڇا چوندا ته هيءُ لنگڙو مڏوءَ جو پٽ آهي؟ ۽ پوءِ هو مڏوءَ کي دنيا جي نظر سان ڏسندا يا عجب کائيندا يا ورڌاتا جي هن بي انصافيءَ تي ڇي ـ ڇي ڪندا ويندا.

سمنڊ جي لهرن وانگر هن جي لونڊڙين تي ڏانءِ ڏانءِ ويچارن جا ڌڪ لڳڻ لڳا. سور کان هن جو مٿو ڦاٽڻ لڳو. ٻه گهڙيون هو ٻئي هٿ مٿي تي رکي ويهي رهيو ۽ پوءِ تکڙ ۾ اٿي واپس گهر اچڻ جو ارادو ڪري ٽرڻ ۾ ڪيئن ۽ ڪيڏي مهل چڙهي اچي گهر پهتو ان جو هن کي هوش نه آهي.

گهر ۾ گهڙندي ئي گهر جي سڀني ڀاتين جون اکيون هن جي چهري تي کپي ويون. هر نظر ۾ هڪ ئي سوال هو. هر نظر پريشان، بيتاب، بيچين هئي. مڏوءَ جي نظر سان نظر ملائڻ جي ته هن ۾ همت ئي نه هئي. ته به پاڻ من ۾ نشچو ڪري من مضبوط ڪري ڇڏيو هو ته گهر ۾ فيصلو ڪهڙو ڏيڻو آهي؟

نتا نہ ڪر امان، مان ڪوشش ڪري ڇوڪرو ڳولهي
ندس. پر مدوءَ کي ڪنهن لنگڙي جي سپرد نہ
ڪندس.” مدوءَ جي ڀاءُ چيو.

ان کان وڌيڪ ماڻس ڪجهہ ٺيڪ نہ سمجهيو.
يني ”هري لڇا ڀلوان“ سمجهي مدوءَ لاءِ ڀئي ڇوڪري
ي تلاش جاري رکي.

قسمت سان مدوءَ جي ڀاءُ جو هڪ ننڍپڻ جو
ڪلاس جو ساٿي جيڪو هن وقت پائلٽ هو؛
ڪنهن ڪم سانگي هن شهر ۾ آيو هو تنهن جي
ملاقات رستي تي مدوءَ جي ڀاءُ سان ٿي. ڳالهائيندي
الهائيندي مدوءَ جو ڀاءُ ٻنا ڪنهن ويچار جي هن
ي چانهہ پاڻيءَ لاءِ گهر تائين وٺي آيو. مدو چانهہ
ٺي آئي. ٻنهي دوستن چانهہ ناشتو ڪيو؛ پوءِ
پائلٽ ڪشور هن سان وري گڏجڻ جي پيشڪش
ڪري رخصت ٿي ويو.

مدو جڏهن چانهہ جا خالي پيالا واپس کڻڻ لڳي
نہ ڏسي تہ ٽي.وي. تي هڪ فائيل پيو آهي جنهن ۾
ڪشور جي آفيس جي ڪم جا ڪاغذ پيا آهن. هو
شايد فائيل کڻڻ ڀلجي ويو هو.

ڪشور کي ڏسي مدوءَ جي من ۾ ٿوري هلچل
ٿي ضرور پر هوءَ ڀهرين مڱڻي ٽٽڻ کان پوءِ هڪدم

ڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته مڙوءَ جي زندگيءَ سان کلواڙ نه ڪري راجڪمار جو وچار ڇڏي ڏيون."

ماءُ - "پر پٽ تون اهو ته سوچ ته وري اسان کي اهڙو ڇوڪرو ڪٿي ملندو؟ ڪا ٻول ڇول به ڪونهي، خاندان سٺو، پئسي وارا، اهي سڀ ڳالهيون هڪ ئي هنڌ اسان کي ڪٿي ملي سگهنديون؟"

"امان، مون پڪو نشچو ڪيو آهي ته مڙوءَ جو هاڻي هن ڇوڪري سان ڪو به سمبنڌ ڪونهي. پس، وڌيڪ بحث مان نٿو ڪرڻ چاهيان." پٽ اٽل ارادي سان چيو.

ماءُ - "پٽ، اهو ته سوچ، روز دنيا ۾ ڪيترا ائڪسيڊنٽ پيا ٿين ته ڇا ماڻهو ٺيڪ ڪونه ٿا ٿين؟"

پٽ - "ها امان، ٺيڪ ڇو نه ٿا ٿين پر هيءُ ڪيس ٽيڙو آهي هن ۾ وڌ رهڻ جي پوري گنجائش آهي. وري سڄو سال انتظار ڪير ڪندو؟"

پر جيڪر شاديءَ کان پوءِ اهڙو ڪجهه ٿئي ها ته پوءِ ڇا ڪري سگهجي ها؟ پوءِ به ته ڪا راهه ڪونه هئي؟" ماءُ چيو.

"ها پوءِ راهه نه هئي پر هاڻي ته راهه آهي. مڙوءَ جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ سوين ڇوڪرا ملي ويندا. تون

انهه پي ويچارن جي چڪرويوهه ۾ چڪر پيو لڳائي
در جي ڪال بيل وڄي. در مٿوءَ جي ماڻهو کوليو.
شيام جي ويچارن جو سلسلو ٽٽو. ڪشور ڪمري
ڪڏهن اچي هن جي پر ۾ ويٺو شيام کي سمڪ ئي
پئي. هو ته اکيون ٻوٽي ڪنهن گهري سوچ ڪري
ڪمارو ملڻ جون آنڪلون پيو لڳائي. آخر ڪشور کي
ڳالهائڻو پيو، ”ڪر خبر يار ڪهڙن ويچارن ۾ گم
هين؟ مان ڪيتري دير کان ويٺو آهيان ۽ توکي ڪا
ئي ڪونهي؟“

شيام جڻ ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳيو. دوست جي
ٻيان ڪندي هٿ ملايائين. ڪشور چيو، ”يار
هنجي ٻارن کان به من جي ڳالهه لڪائيندين ڇا؟“
شيام چپ رهيو. ”ڇڏ يار، هيڏن ڏينهن ۾ ته هٿ
و آهين، پنهنجي پريشاني ٻڌائي توکي پريشان نٿو
هيان.“

ڪشور – ”واهه دوست! دوستن کي خوب سڃاتو
ي. چوندا آهن ونڊ ورهاءِ سک پاءِ. هو نٿن ته
شيون ئي ورهائبيون آهن پر دوستن ۾ غم به
رهائجن.“

گهڻي چوڻ تي شيام مٿوءَ جو سڄو قصو ڪشور
ٻڌائي ٿڌو ساهه کنيو.

بي جان، نراس ۽ غمگين ٿي وئي هئي. جڏهن لاءِ جيون ۾ خوشيءَ جي روشنيءَ جو سامان ڪنهن انڌيري کي سپرد ڪري روشنيءَ کي تالي ۾ بند ڪري ڇڏيو هجي.

جيڪو به پڙهندو هو ته هن جي پهرين مڱڻي ٽٽل آهي ته بنا ڪنهن جاچ جي اهوئي سمجهندو هو ته ضرور ڇوڪريءَ ۾ ئي ڪو نقص آهي. مدوءَ جي ڪل خوشي، اُڇاهه جڏهن ڇو منتر ٿي ويا هئا.

انسان جذباتي آهي. هو نراس جلد ٿيندو آهي. آشاوادي گهٽ. غمگين جهٽ ٿيندو آهي، خوش دير سان. وري ڪنهن ٿي وقت جي مار سان جيڪر ڪو حادثو ٿيو ته پوءِ عمر ڀر ڏک جي پيو پير وڌائيندو. مدو به زندگيءَ ڏانهن هاڻي بلڪل نراس ٿي وئي. هن جو جوش، اُمنگ، اُتساهه، چنچلتا جڏهن پر ڪري اُڏامي ويا هئا. ڀلا من کي ڪير سمجهائي؟

وقت جي ٻلهاري آهي. وقت جيڪر ڪروٽ نه مٽائي ته انسان ته مٽيءَ جي مورت ٿي پوي. جيئري ئي مري وڃي. خوشي غم، رات ڏينهن وانگر جوڙو آهن. بنا خوشيءَ غم جي سڃاڻ نه ٿي ٿي سگهي. بنا غم خوشيءَ جي قيمت جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. ٻئي ڏينهن شام جو مدوءَ جو پيءُ آفيس مان اچي

ب ضرورتون سڃاڻي هن جي اڃائن کي پورو
ڪري خوش رکي ٿو سگهي. مدوءَ کي خوش ڏسي
پيام به خوش هو جو مدوءَ جي جيون ۾ رونق
ڇي وئي هئي. زندگي هن لاءِ رنگين ۽ روماني
ي پئي هئي.

آهي زندگيءَ جا ٻه سال ڪيئن نڪري ويا مدوءَ
ي سمجهه ئي ڪانه پئي. پر چوندا آهن ته انسان جي
غم کان ڀڄڻ ئي وڌاتا هن جو ليک لکي ڇڏيندو
آهي. اهو ليک ئي ته هو نه ته ڀلا سيتا ٻن ۾ ڇو وڃي
ها؟ رادا کي ڪرشن جو وڇوڙو ڇو سهڻو پوي ها؟
ميران کي راڄ ڇو ڇڏڻو پوي ها؟ ان ليک کي وڏيون
ستيون به نه ميٽي سگهيون ته پوءِ مدو ته هڪ رواجي
ستري هئي. پائلٽ جو جيون هميشه جوکي ڀريو
هوندو آهي. ليک اهڙو ٻڌيو جو ڪشور جو هوائي جهاز
رگهٽنا ۾ موت ٿي ويو. مدوءَ جي زندگيءَ ۾ انڌيري
ئين قدم رکيو جو اجالي جي هڪ تروري جي روشني
هه هن لاءِ ڪين بچي.

شاديءَ کان پوءِ مدوءَ نوڪري ڇڏي ڏني هئي پر
ڻي وري هن نوڪري ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن
پيپر ۾ اشتهار پڙهي نوڪريءَ لاءِ درخواستون
موڪليون. اتفاق سان مدوءَ کي بمبئيءَ جي هڪ

ڪشور ڪلي چيو ”بس ڳالھ ھ ايتري؟“

”پلا مون ٻندي لاءِ توھان جو ڪھڙو خيال آھي.“

ايترو ٻڌندي ئي شيام جي چھري تي ڄڻ چمڪ اچي وئي. چي ”ڪشور تون مذاق ٿو ڪرين!“

ڪشور مسڪرائيندي چيو، ”شيام، سچ ته ھيءُ آھي ته ڪلھ ئي مان دل توھان جي گھر ڇڏي ويو ھوس اھا ئي ته ڪٽڻ آيو آھيان.“

”تون مذاق ڪرڻ ۾ گھٽ ڪينھين، ھيءُ فائيل ڪٽڻ آيو ھوندين.“ فائيل ڪشور طرف وڌائيندي شيام چيو.

ڪشور- ”نه نه، شيام مان سچ ٿو چوان. مان ته مڌوءَ جي سونھن تي ئي موھت ٿي ويو آھيان. سچ ھيءُ مذاق نه سمجھ.“

شيام کي ته اھڙي ڪا اميد ئي نه ھئي ته ڪو ھيءُ ڪم ھڙي سولائيءَ سان ٿي ويندو.

ايئر فورس وارا ھوئڻ ڪري ٻئي ڊپا، دل فيئڪ ۽ فارورڊ ٿيندا آھن. جھٽ مڱڻي پٽ شادي ٿي وئي. مڌوءَ جا سپنا ساڪار ٿي ويا. ھن جون سڀ اڻ ڇاٺيون، امنگ، جذبات ڪر موڙي جاڳي اٿيا. ڪشور ھن سان بي انتھا محبت ڪندو ھو. ھن جون سڀ خواھشون پوريون ڪندو ھو. مڙس ئي ته زال جون

ڪمار ٿي خاموشي ٽوڙي. ”جيڪر مان ڀُل نه

يان ته تون مڌو آهين؟“

مڌوءَ ڪنڌ ’ها‘ ۾ لوڏي هامي ڀري ۽ چيو ”ها

مڌو ئي آهيان.“

”مڌو تون هتي ڪٿي؟“

”اِها وڏي داستان آهي.“ مڌوءَ چيو.

”ڇا اڪيلي آهين؟“

”فلحال ته اڪيلي آهيان.“

”جيڪر ڪو اعتراض نه هجي ته هڪ ڪوپ ڪافي
ويهي پيئون.“

مڌوءَ ڪنڌ سان هامي ڀري.

ٻئي ڀر جي هڪ ريسٽران ۾ گهڙي ويا.

راجڪمار پڇيو ”تو شادي ڪئي؟“

مڌو ”ها.“

”پر هي ڇا تنهنجي مٿي تي نه تلڪ آهي نه
ي ۾ منگل سوتر؟ ته ڇا؟“

مڌو - ”ها، هاڻي منهنجو جيون ساٿي هن دنيا
نه آهي.“

راجڪمار - ”اوه! آءِ ايم ساري. پر اهو ڪيئن
و؟“

مڌوءَ پنهنجي ٻن سالن جي رام ڪهاڻي ٻڌائي

ڪاليج ۾ سنگيت ليڪچرار جي پوسٽ ملي ۽ هن کي
بمبئيءَ اچي رهڻو پيو. جيون جي گذريل سونهري
گهڙين کي ياد ڪري هوءَ پنهنجو جيون گذاري رهي
هئي. گهمڻ گهمڻ جو شونق تمام گهٽ هوس پر تہ بہ
ڪڏهن ڪڏهن ساهيڙيءَ سان گڏ شهر ۾ خريداري
ڪرڻ وڃڻو ئي پوندو هوس ۽ آرتوار ڪان سواءِ اهو
ڪم ناممڪن هو. ها اڄ ڏينهن بہ آرتوار هو. هن کي
روزمره جي شين لاءِ بنارسيداس ٻ ڊپارٽمينٽل اسٽور
تي وڃڻو پيو. برش، ٽوٿ پيسٽ، ريڪسونا، رن ... ...
وغيره. ۽ هوءَ اسٽور تي ٻيهي مٽي تي هٿ رکي
باقي شيون ياد ڪرڻ لڳي تہ هن جي نگاهہ ڪنهن
سڃاتل شڪل تي پئي جيڪو ڪائونٽر تي بيٺو هو.

هن جي هٿ ۾ لڪڻ هو جنهن جي مدد سان اڳيان
وڌي هو اسٽور ۾ شيون ڏسڻ لڳو. اهسا شڪل ڀلا
مڌو ڪيئن ٿي وساري سگهي؟ اهو ئي راجڪمار
هيترن سالن کان پوءِ هن جي سامهون بيٺو هو. ٻنهي
جون نظرون هڪ ٻئي جي نظرن سان ٽڪرايون ۽ ڪيترا
ئي شڪوا گلا نظرن مان ئي پڙهيا ويا ۽ پوءِ فارميلٽيءَ
سبب هلڪي مرڪ ٻنهي جي چپن تي تري آئي ۽
نمستي لاءِ ٻنهي جا هٿ ٻڌجي ويا. مڌهن مان ڪير
ڪيئن ۽ ڇا چوي؟ اهو هڪ اهم سوال هو. نيٺ

"سچ ته هيءُ آهي مدو، تــه مان تنهنجي دل
ي نه ٿي ڪرڻ چاهي نڪو جذبات کي اُڀارڻ ٿي
اهيو. توکي دک پهچائڻ جــي هـــن گستاخيءَ لاءِ
ن شرمسار آهيان ۽ معافيءَ جو طلبگار آهيان، پــر
يگر منهنجي دل کان پڇين ته اڄ به منهنجي دل
ر تو لاءِ اُهوئي پيار ۽ عزت آهي جيڪا اُن ڏينهن
ئي."

مدوءَ ساڙهيءَ جــي پلوَ مان منهن ڪڍي عجب
رئي انداز سان راجڪمار کي ڏٺو. هن جـــي منهن
ان ازخود نڪتو "ته ڇا هـــي سڀ ٻڌڻ کـــان
وءِ به.......؟"

راجڪمار- "ها، هي سڀ ٻڌڻ کان پوءِ به جيڪر
نهنجي دل مون ڏانهن مائل ٿئي تـــه مان تنهنجو
ندگي ڀر شڪرگذار رهندس ۽ نئين زندگي شروع
ڪرڻ ۾ جيون ساٿي ٿي رهڻ جي 'ها' ڪرڻ ته مان
ندرهل وقت ڪـــي ڀلجي نئين جيون جـــي شروعات
ڪندس."

مدو ڪجهي جهڙي پيت.

مدوءَ کي چپ ڏسي راجڪمار مدوءَ جـــي ڪومل
همت ٿي پنهنجو هٿ رکي هن کي هلڪو دٻايو. مدوءَ
ي ڳلن تي پيار جي لالي ڇڻ اِن ڳالهه جـــي اظهار
ڪرڻ جو ثبوت هئي.

پڇيو ”توهان شادي ڪئي؟“

”نه، مون شادي ڪئي ئي ڪانه.“

”پر، ڇو؟“

”بس، ائين ئي.“

”ائين وري ڪيئن.“

راجڪمار دل جي سچي ڳالهه زبان تي آڻيندي چيو ”سچ ته اهو هو ته مون توکي پنهنجي دل ڏئي ڇڏي هئي ۽ پوءِ جڏهن ٻڌم ته توهان مڱڻي ٽوڙي ڇڏي آهي ته استري ذات جي بيوفائيءَ کان دل کڻي ٿي پئي. سو وري شاديءَ جو ارادو ڪيم ئي ڪين.“

”سچ ته هيءُ هو ته اُن وقت منهنجي جذبات جو ڪو قدر نه ڪيو ويو، تڏهن مونکي ڪجهه ڇوڙڻ جو حق ئي ڏنو ويو، تڏهن منهنجي ڪنهن صلاح جي ڪا ضرورت سمجهي وئي. منهنجو پيءُ توهان جي ننگ ۾ وڌ رهجي وڃڻ جي ڊپ کان توهان سان سنبنڌ ڪرڻ کان ڊڄي ويو ۽ وري قسمت سان مونکي هڪ هونهار پائلٽ ملي ويو. پر منهنجي قسمت کي منهنجو سک برداشت نه هو ۽ هوائي جهاز حادثي ۾......“ مڌو منهن ساڙهيءَ جي پلوَ ۾ وجهي سڏڪڻ لڳي.

ساڌو رام ٻاهران چپ رهيو پر اندر ئي اندر سڙاٻجي
و. من ۾ چيائين گهٽ ۾ گهٽ پنجاه جو نوٽ ڇت
ساڙهيءَ جي فرمائش السگهه.

ساڌو رام چيو - ”ها ڀلا ٻڌاءِ ته ڇا ڇا آڻڻو آهي؟“
سنيتا چيو - ”مونکي اسر ڪرڻو آهي ٿورو ماڙو
رو ر وٺي اچجو.“

ساڌو رام پڇيس - ”گهڻو؟ پاءُ ڪافي ٿيندو؟“
سنيتا مروڙو ڏئي چيو - ”ڪمال ٿا ڪيو! ڀلا پاؤ
ن ڇا ٿيندو؟ ٻار ٻچا ته کائيندا، گهٽ ۾ گهٽ اڌ
ڪلو ته هجي.“

”ها ٻيو ڇا؟“ ساڌو رام مٿي کي کنهندي چيو.
سنيتا سوچيندي چوندي وئي - ”ٻيو ته مينديءَ،
ساڳ، مهاور، سيندور، ڪجهه سڳنڌي اگربتيون ۽ ٿورو
ومت بس.“

ساڌو رام ٿيلهي کڻي نڪتو ۽ رات ٿيڻ کان اڳ
ب سامان اچي سنيتا کي ڏنو.

رات جو سمهڻ وقت سنيتا ساڌو رام کي 4 بجي
و الارم لاهڻ جي هدايت ڪئي.
اسر ٿيو ته سنيتا پاڻ اٿي. ساڌو رام کي به جاڳائڻ
ي ڪوشش ڪيائين - ”ٻڌو ٿا! توهان به اٿي ڪجهه
ـه سگهن ڪيو. مينديءَ جو به سگهن ضروري آهي.

ٽيجڙيءَ جو ورت

نيتا ۽ سنيتا ڀاڻيسري تہ آهن ئي گڏوگڏ هڪ ٻئي جون سنيون ساهيڙيون پڻ. ٻنهي جو گهر هڪ ٻئي جي ساهمون هو.

نيتا سنيتا کي ياد ڏياريندي چيو - ”ٻڌ ڀين ٽي! سڀاڻي ٽيجڙيءَ جو ورت آهي. ياد اٿئي نہ؟“

سنيتا چيو - ”چڱو ڪيئہ جو ياد ڏياري ڇڏيئہ مان تہ وسري ڪاڏي آهيان.“

شام جو ساڌو رام جيئن ئي آفيس مان آيو تہ هن کي چانهہ پياريندي سنيتا چيو - ”ٻڌو ٿا! سڀاڻي ٽيجڙيءَ جو ورت آهي.“

ساڌو رام ’هان‘ چئي چپ ٿي ويو.

سنيتا ورجائيندي چيس - ”بس، هان چئي ڇڏي ويا ڇا؟ خبر تہ اٿو تہ هيءُ ورت مان توهان جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر ايشور کان گهرڻ لاءِ هر سال رکندي آهيان ۽ هر سال مونکي ئي ٻڌائڻو پوندو آهي تہ توهان کي ڇا ڇا آڻڻو آهي.“

ان رڳيون پيون آهن - ”ٻڌو ٽا! هيءَ توهان ڇا ڪيو
پ چادرون خراب ٿي ويون. هيءَ داغ ته لهندا ٻـــه
ڪونه.“

ساڌو رام وائڙو ٿي ويو چيائين - ”ڇا ٿيو؟“

سنيتا چيو - ”مون توهان جي ڇيڄ ۾ ڪٽي ميندي
ئين سا توهان ننڊ ۾ چادرن کي هڻي ڇڏي.“

ساڌو رام ڪلندي چيو، ”تـو لائين ڇـو ڪيو؟ لن ۾
ـهنجو ته ڪو ڏوھ ڪونهي.“

سنيتا ڪافي دير ٻڙ ٻڙ ڪندي رهي. چانهه پياري
سنيتا جان ڪٽي ڳوٿريءَ ۾ هٿ وجهي ته مساڳـــه نهي
ي ڪونه. رڙ ڪري چيائين - ”ٻڌو ٽا! مون توهان کي
مساڳه چيو هئو سو ته ڏسڻ ۾ نـٿو اچي.“

ساڌو رام ڏاڙهي ويٺي لاٿي هڪ پاسي لاهي ڇڪو
هو ٻئي پاسي لاهڻ وراو هر ته واڪو ٻڌي اچي سنيتا
ڳيان حاضر ٿيو، ”وري ڇا ٿيو؟“

”مساڳه ڪٿي آهي؟“

ساڌو رام غلطي مڃيندي چيو، ”برابر هيٺرڻـن شين
ر مساڳه ته مونـکان پلجي ويو.“

پوءِ ته سنيتا اڌ ڪلاڪ ٻڙي ٻڙ ڪئي.

وري سنيتا نيتا کي سڏ ڪري پڇيو، ”نيتا تـــو
سر ڪيو؟ ڏسان تنهنجي ميندي؟“

ڏوهان ۾ هڪ آڱر ۾ ته لڳايو."

پر ساڌو رام گهري ننڊ ۾ هو. اون، اون گري پاسو ورائي سمهي پيو.

سنيتا ننڊ ۾ ئي ساڌو رام جي ڇيڄ ٽڪي ٽوري ميندي سگهڻ طور لڳائي ڇڏي.

اڄو صبوح ٿي ويو هو پر ساڌو رام ڏٺو ته، سنيتا اڃان سمهي پئي آهي. هن سنيتا کي ٿونڊاري اٿاريندي چيو — "ڇو ڇا اڄ چانهه ۽ کونه ملندي ڇا؟"

سنيتا ننڍين سر پاسو ورائيندي سمهڻي چيو، "مان ته اَسر کان اٿي آهيان. مونکي چانهه ۾ پٽي ڪونهي، گئس به ختم ٿي وئي اٿو. اٿي سلينڊر لڳائي اچ ته پاڻ ئي کڻي هڪ ڪوپ چانهه ٺاهي پيئو." ۽ سچ پچ سنيتا ٻي اوني ٿي سمهي پئي.

ساڌو رام من ۾ چيو، "اڪ پيت ساڌو رام آڪر تنهنجي تندرستي ۽ وڏي عمر لاءِ ئي ته هيءَ ايڏو ڪشٽ ڪري رهي آهي." پوءِ پوءِ ڪندو اٿندي چيائين — "هي ڀڳوان! شڪر جو سال ۾ هڪ دفعو ئي ٿيجڙي اچي ٿي نه ته سيٺي مڙدن جو سر رلي وڃي."

سنيتا اڪ ڪولي اٿين ٻجي ۽ ساڌو رام کي چانهه ملي سايي اٿين ٻجي.

سنيتا جان اچي بستر جون چادرون ڏسي ته ميندي۽

سنيتا موڙو ڏيندي ڳالهہ ڪٽيندي چيو، "اڄ تہ
ي کائو. سال ۾ هڪ ڏينهن جيڪر پيٽ جو ناشتو
ڪيو تہ آسمان ڪونہ ڦاٽي پوندو. آخر تہ ورس توهان
ي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر جي ڪري اُئي ڪري رهي
هيان."

ساتو رام وقت جي نزاڪت کي ڏسندي اکيون ٻوٽي
ٿون ڏيندي پيٽ ڳرڪائي ويو.

آفيس ويندي چيائين - "منهنجو ٽفن تہ ڏي."

سنيتا چيو - "اڄ روٽي هڪ وقت اڳو پوءِ راس جو
ي ٻنگہ سان ٿيندي. مونکي ٻہ تہ ورس چوڙٽو آهي.
رس رکي ڪير ويٺو هر هر روٽي ٺاهيندو؟ مان اُسر
ن اُٿيل آهيان. توهان ٻہ اڳو پوءِ راس جو ٽي پيٽ
ري کائجو."

ساتو رام اداسيءَ سان اسڪوٽر ڏانهن وڌيو تہ سنيتا
يس - "ياد اٿو باقي کھڙا ڪم ڪرڻا اٿو؟"

ساتو رام وراٽيو - "هيٺر تہ ٽيجڙي آٽي ڏيان ہ نہ؟"

سنيتا چيو - "ها، هيٺر جو هيٺر مان پوڄي ٻوءِ
ي تہ پاڻي پيئندس. ڪنٽ تہ هيٺر ٽي سگهي
ا آهن."

ساتو رام ٽيجڙي آٽي ڏنس ۽ آفيس وڃڻ لاءِ وڌيو.
نيتا ورجائيندي چيس - "شام جو ڪتا ٻڌائڻ لاءِ

ڏسي ته نيتا جا هٿ مهنديءَ سان رڱيا پيا آهن ۽ هن جا هٿ صرف پيلا لڳا پيا آهن.

اچي ساڌورام کي ورنائين - ”پڌو ڏٺا! توهان مينديءَ ته سٺي ٿي ڪونه آندي آهي. مون توهان کي چيو هو ته چونڪ جي ڪنڊ تي جيڪو ڪاٺي جو دڪان آهي اتان ئي مهندي آڻجو جو هن جي مشهور آهي پر توهان ته الائي ڪٿان وٺي آيا آهيو. سال ۾ هڪ دفعو هٿن مينديءَ سان به رڱي ٿي ڪونه.“

ساڌورام مُنهن پلو ڪري چيو، ”مان ڪالهه اُن پاسي کان لنگهيس ئي ڪونه سو جيڪو دوڪان سامهون لڌو اُن تان ئي وٺي آيس.“

آهي باقي سنيتا جي پِٽ پِٽ زور وٺندي وئي.

ساڍا نو ٿي ويا. ساڌورام ناشتي لاءِ اچي ٽيبل تي ويٺو. ڪافي انتظار ڪرڻ کان پوءِ هڪ وڏي ڪٽوري ۾ پت پاڻي سنيتا کڻي اچي ٽيبل تي رکيو ۽ پاڻ ڏڪندو ساهه کڻي ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

ساڌورام عجب کائيندي چيو، ”هيءَ پت وري ڪهڙي مرض لاءِ آهي؟“

سنيتا جواب ڏنو - ”توهان لاءِ.“

ساڌورام ڪاڙ کائيندي چيو، ”توکي ته خبر آهي ته مونکي پت ڏنو به ڪونه وڻي ۽....“

وارو اچي ته ڪير وٽي گرم ڪري رکجو، ڌيان رکجو ته ايامي نه وڃي ۽ ها ٿورو ڪجهه ڪير اڳ لاءِ الڳ ڪڍي رکندا، پلجندا نه.

ويچارو ساڌو رام اڄ ڦاٿو ڪي ڦاٿو. سوچيائين شڪر جو سال ۾ هڪ ڏينهن ٿي ٿيجڙي اچي نه ته روز هيڏا پاپڙ ويلڻا پون. پر بس ورس ته هن جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر لاءِ ئي ڪيو ويو آهي. سوچي ساڌو رام رسوئيءَ ۾ گهڙيو ته ڪلاڪ ڪان پوءِ جڏهن سنيتا موٽي تڏهن ئي هن کي ڇٽي ملي.

سنيتا رسوئيءَ جو ڪم جيئن تيئن لاٿو ۽ ڦان ٿي اچي بستري تي ڪري. مٿو سور ۾ ڦٽي ڦاٽس.

ساڌو رام همدرديءَ وچان چيس، ”ڦاٽي پئنديئين؟“

سنيتا چيو - ”نه نه، سنجها کان پوءِ ته هاڻي پاڻي به ڪونه پيئبو.“

ساڌو رام چيو - ”مان ٿو چوان، زمانو ڇنڊ تي پهچي ويو آهي ۽ توهان انهن ئي پراڻن ويچارن ۾ جڪڙيون پيون آهيو. ڀلا ڇانهه پيئڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟ جيڪو ماڻهو ڏينهن ۾ چار دفعا ڇانهه پئي، ان کي هڪ دفعي به نه پيئڻ سان مٿي ۾ سور ٿيندو يا نه؟“

ساڌو رام کي گهر ۾ گهٽڻ ٿيڻ لڳي. هو ٻاهر

گرياٽيءَ کي چوندا وڃجو ۽ سنيتا شرمائيندي چيو ٻيو به ڪجھ ياد اٿوَ يا نه؟"

ساڌو رام اَچرج مان سنيتا ڏانهن نهاريو. جڻ ڪو نئين نويلي ڪنوار ٿي هجي. ائين پئي شرمائي. ساڌو رام سمجهي ويو ته سنيتا جو اشارو ڪيڏانهن آهي؟ چيائين – "نئين ساڙهيءَ کان سواءِ ڪم نه هلندو ڇا؟"

پر ائين چوندي هو سنيتا سان نظر ملائڻ جي جرئت نٿي ڪري سگهيو ۽ اسڪوٽر کي ڪڪ هڻي هوا سان ڳالهيون ڪندو نڪري ويو.

شام جو ڇهين بجي گهر پهتو ته سنيتا جڻ نئين ساڙهيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. شاديءَ کي ڏهه سال ٿيا اٿس ۽ هر سال نئين ساڙهي ايندي اٿس. پر هن سال ساڌو رام جو هٿ تنگ هئو. ٻن ٻارن واري گرهستي هلائڻ اڄ جي مهانگائيءَ ۾ ڪو مزاڪ ڪونهي. ڪوشش ڪرڻ تي به هن کي اوڌر ڪونه ملي سگهي هئي.

سنيتا اڳين ساڙهين مان هڪ ساڙهي پاتي. سورهان سينگار ڪيائين ته ساڌو رام هڪ ٽڪ هن کي ڏسندو رهيو.

سنجها ٿي ته سنيتا چيو – "ٻڌو ٿا! مان ڪٿا ٻڌڻ تي وڃان توهان رسوئيءَ ۾ سائي ڀاڄيءَ جي ڪڪر کي بس به سيڪيون هڻائي سم تي ڪري ڇڏجو، ڪير

ب لاءِ ئي رکيو ويو هئو.
چنڊ نڪتو ته سنيتا پوڄا ڪري ارگهه ڏنو.
ساڌورام کلي چيو - ”چنڊ کي ته سائنسدانن هاڻي
ي ۽ جبلن جي جاءِ چئي آهي ۽ توهان اڃان پيو ن
ڊ کي ارگهه ڏيو.“

سنيتا ته هاڻي ورندي ڏيڻ جي سامرٿ ۾ ئي ني
ڪونه هئي. هن جو مٿو سور کان ڦاٽو ٿي. ٻڪ کان
بٽ ۾ گئس ٿيڻ ڪري دل ڪڇي پئي ٿيس.
ڻي اڇڻ جهڙي حالت ٿي ويس.

صبوح کان ورت جو جيڪو اُتساهه هوس سو ختم
ي ويس. ٻه گره کائي هن ورت ڇوڙيو ۽ وڃي بستري
ي پئي.

ساڌورام ٻارن کي روٽي کارائي ۽ خود به جهڙي
جهڙي کائي اچي سنيتا جي مٿن کان ويٺو ۽ هن جي
ڻي کي هلڪا هلڪا زور ڏيڻ لڳو.

سوچڻ لڳو هيڏي جٽن سان روٽي ٺاهيائين سا به
ڪافي زيان ٿي وئي. ساڌورام به صبوح کان ورت
ڊ ڪ ٻوڙ جي ڪري ٿڪجي پيو هئو. هن کي سوچ
هو ته هو سنيتا لاءِ نئي ساڙهي نه آڻي سگهيو جڏهن
ڪ هيءُ ورت سنيتا هن جي تندرستيءَ ۽ لنبي عمر

نڪري وڃڻ لڳو ته ٽورو ٿهلي اچي ته سنيتا ٽوڪيس -
”ڀڄو ٽا! ڀري نه نڪري وڃو، چنڊ ساڍي اٺين ٽائين
نڪرندو اُن کان اڳ اچي وڃو.“

ساڌو رام خفا ٿي چيو، ”مونکي ٽوڙي ارڳهه ڏيڻو
آهي؟“

سنيتا - ”ارڳهه ته مان ڏيندس پر روئي توهان کان
پهرين ته ڪونه کائيندس. توهان کي پيري پئي پوءِ
ئي کائيندس. جڏهن ورت ئي توهان جي تندرستي
۽ لمبي عمر لاءِ ٿي ڪيان ته ڇا توهان ايترو به نٿا
ڪري سگهو ته جلد هلي اچو.“

ساڌو رام ٺيڪ اٺين بجي واپس موٽي آيو.

سنيتا چيس - ”ٿوري تڪليف ڪري مٿي ڪــڏ
تي چڙهي ته ڏسي اچو ته چنڊ جـي سهائـي ٿوري
گهٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نه؟“

ساڌو رام چئني پاسي نهاري ٻارن کـي ڳولهڻ لڳو.
”ٻار ڪيڏانهن ويا آهن؟“

سنيتا چڙ مان جواب ڏنس - ”اُهي ته پڙهڻ ويـا
آهن.“

۽ ساڍي اٺين بجي ٽائين ته ساڌو رام کي ست دفعا
ڪڏ تي چڙهڻو لهڻو پيو. ڪري به ڇا؟ ورت به ته هئـن

گنھگار

سياري جا ڏينهن هئا، سو به ڊسمبر وارو مهينو.
يءَ رات جو هر ڪو سوڙ ۾ سوگهو ٿيو سمهيو پيو هو.
ڙڪ ٺاھ، ٺا جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پاڙي وارن جي اک
پيئي. ٺاھ، ٺا جو آواز ٻڌندي ئي. مگر ڪو به گهر
ٻاهر ڪونه نڪتو ته پاڙي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.
ف ٿوري وقت جي واسطي، هيسائل اکڙين سان سوڙ
مُنهن ٻاهر ڪڍي وري سوڙ وجهي سمهي پيا.
صبح ٿيو، ڪير واري اچي دروازو کڙڪايو. ڪافي
ر تائين دروازو کڙڪائيندو رهيو، مگر دروازو ڪونه
يو. آخر دروازي کي ٿورڙو زور ڏنائين ته دروازو
ي پيو. تنهن کانپوءِ ٻه ٽي ڀيرا سڏ ڪيائين، مگر
ران ڪوبه جواب ڪونه آيو. لاچار ٿي گهر جي اندر
ڙيو. گهڙڻ سان ئي هن کان دانهن نڪري وئي.
ٺائين ته چار لاش رت سان رنگيل پٽ ۾ پيا آهن
ڇوڙيءَ جو دروازو پٽڻ کليو پيو آهي. ڪير وارو
ڏيڪ وقت ترسي نه سگهيو ۽ دانهون ڪندو ٻاهر
ڪري آيو. سندس دانهن تي اوڙي پاڙي وارا اچي
ڏ ٿيا. نٿورام جو هيءُ حال ڏسي سڀني جي نيڻن

لاه ئي ڪري رهي هئي. اها ڳالهه ياد ڪري هن کي
ڪافي سنتوش مليو. سنيتا هن لاءِ ڪيڏي نه جاکوڙ
ڪئي هئي. هوُ سنيتا جي مٿي کي هلڪا هلڪا زور
ڏيندي آلي ئي ڪرسيءَ تي ويٺو ننڊ جي گود ۾
سمائجي ويو.

ن مونکي ناروءَ بہ ٿي شڪ پوي ٿو.“ اها ڳالهہ ٻڌي
ي صاحب خود منجهي پيو ٿو. سب انسپيڪٽر
لڪرنيءَ کي نٿورام وٽ وهاري، پاڻ مکي صاحب
ي ساڻ ڪري جيپ اچي ناروءَ جي دروازي وٽ
هاري. مکي صاحب کي انسپيڪٽر چيو تہ توهان
ڻان ٿي وڏي آواز سان ناروءَ کي سڏ ڪريو. مکي
احب ائين ڪيو.

ناروءَ مکي صاحب جو آواز سڃاتو. هن ڄاتو ٿي تہ
کي صاحب مونکي نٿورام جي موت جي خبر ٻڌائڻ
يو هوندو. مان بہ روئي پٽي بيگناهيءَ جو ثبوت
ڏيندس. ناروءَ جيئن ئي دروازو کوليو تہ انسپيڪٽر
ي نظر پيس. نارو انسپيڪٽر کي ڏسي هراسجي ويو.
وش گم ٿي ويس. هن ڀڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي،
گر انسپيڪٽر کيس ٻوڙي ٻانهن کان پڪڙي ورتو.
ڄڻ جي ڏوهہ سبب انسپيڪٽر ناروءَ کي پٽي
ماڻهون پڻ وهائي ڪيئون. گهر وارا پوليس کي گهر
ر آيل ڏسي گهٻرائجي ويا. ڪن تہ گهر کان ٻاهر
ڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي مگر انسپيڪٽر هڪل
ڪري گهر وارن کي چيو تہ ”ڪوبہ ٻاهر نہ وڃي
ڪڏهن ڪنهن بہ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ
نڪي شوٽ ڪيو ويندو.“

۾ نيئر پهچي آيو. خبر پوندي مکي مينگهراجمل پڻ ڊوڙندو آيو. اچڻ شرط هن پوليس کي فون ڪئي. فون ملڻ شرط پوليس سر زمين تي آئي. جاچ ڪندي انسپيڪٽر کي نٿورام جو سڄو ڪلهو گرم محسوس ٿيو. فون ڪري ڊاڪٽر صاحب کي پڻ گهرايو ويو. ڊاڪٽر نبض ڏسندي چيو ته نٿورام اڃان تائين ته زنده آهي. کيس جلدي اسپتال کڻائي ويا. آپريشن ڪري سندس سيني مان روالور جي گولي ڪڍي وئي ۽ رت جي بوتل پڻ چڙهائي وئي هئي. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ نٿورام هوش ۾ آيو. هوش ۾ اچڻ شرط هن جي منهن مان نڪتو، ”نمڪ حرام نارو تو هي ڇا ڪيو!“ اهي اکر ٻڌي پوليس انسپيڪٽر سري نٿورام جي پرسان ٿي ويٺو. نٿورام کي هڪ ٻه سڏ پڻ ڪيائين مگر نٿورام ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. ڊاڪٽر صاحب انسپيڪٽر کي منع ڪئي ته فلحال نٿورام کي آرام ڪرڻ ڏيو.

”مکي صاحب، هيءُ نارو ڪير آهي؟“ انسپيڪٽر مکي مينگهراجمل کان پڇيو.

”سائين، نارو ته نٿورام جو جگري دوست آهي“ انسپيڪٽر ڏانهن نهاريندي مکيءَ چيو.

”برابر دوست هوندو مگر، نٿورام جي چيل لفظن

دشمني هئي؟ تون ته سندس گهري ۾ گهرو
هئين."

نارو وڏا وڏا قسم کڻڻ لڳو ته مونکي ڪا به خبر
نه آهي.

"تنهن هوندي به توکي اسان سان گڏ هلڻو پوندو."

"انسپيڪٽر صاحب توهان ايتري قدر بي انصافي
ڏا ڪريو. يار به مري منهنجو ۽ پڪڙيو به مونکي ٿي
هيڏي وڏي شهر مان توهانکي ڪو به گنهگار نظر
ونه ٿو اچي مونکان سواءِ؟"

"نارو، وڌيڪ ڳالهائڻ جو ضرور ڪونه آهي. هيءُ
مکي صاحب جي عزت ڪري توکي ڪجهه ڪونه ٿو
ان، نه ته هينئر ٿي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيانءِ.
دي پنجين منٽن ۾ تيار ٿي اچ."

نارو اندر وڃي زال کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ مٿي
ني ڏانهن اشارو پڻ ڪيائين. انسپيڪٽر دريءَ ڪان
ب ڪجهه ڏسي ورتو هو. اهڙي گنهگار کي ڀڳوان
معاف نه ڪري سگهندو آهي. نارو جيڪڏهن پيٽيءَ
نهن اشارو نه ڪري ها ته انسپيڪٽر کي شڪ ٿي نه
ي ها.

انسپيڪٽر مکي صاحب کي چيو ته، "تورو وقت
ر ته هلجو. انسپيڪٽر اندر آيو. "نارو هن پيٽيءَ ۾

انسپيڪٽر پوليس وارن کي حڪم ڪيو ته سڄي گهر جي تلاشي ورتي وڃي. مکيءَ نفرت جي نگاهن سان ناروءَ کي ڏٺو. ناروءَ پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون. جڻ هن گناهه جي قبوليت ڏيئي ڇڏي هئائين. اڌ ڪلاڪ جي تلاشيءَ کان پوءِ به ڪجهه هٿ نه آيو ته ناروءَ جو جهڪيل سر مٿي کڄيو. مکي صاحب ڏانهن نهاري پڇڻ لڳو، "مکي صاحب آخر ڳالهه ڇا آهي؟"

مکيءَ ڪيس سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪيو. اها حقيقت ٻڌي نارو اڇي رڙ ۾ ڇٽڪيو. ورلاپ ڪري رئڻ لڳو. گهر وارا پڻ ناروءَ کي روئندو ڏسي پاڻ به روئندا رهيا. انسپيڪٽر خود پريشان ٿي ويو. ان وقت ڪيس به ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پيئي اچي.

"انسپيڪٽر صاحب هاڻي توهانجو ڇا ويچار آهي؟" مکيءَ انسپيڪٽر ڏانهن نهاريندي پڇيو.

"مکي صاحب پڪي ڪٽي ثبوت نه ملي سگهيو آهي مگر منهنجي دل تي چئي ته هن راز جي ڄاڻ ناروءَ کي ئي آهي."

مکيءَ ناروءَ کان پڇيو، "نارو توکي خبر آهي ته هيءَ ڪڏو ڪم ڪنهن ڪيو هوندو؟ يا نٿورام جي ڪنهن

ڪري دوست کي ڪتاب سميت قتل ڪري ڇڏيائين،
رو دوستيءَ تي ڇڙ ڪارهن جو داغ ٿي پيو. نہ تہ
ست دوست جي واسطي جان ڏيندو آهي. ليڪن
روءَ دوست جي جان وٺي ڇڏي. تنهن ڪري لڳي ٿو
قدرت واري بہ اصلي گنهگار کي سزا ڏيارڻ جي
اسطي ئي، نٿورام کي تيسين زندہ رکيو، ”نمڪحرام
رو، تو هيءُ ڇا ڪيو؟“ اهي نٿورام جا آخرين لفظ
ٿا. انهن لفظن ئي ناروءَ کي سڄو سوٽو پڪڙايو.

اڄ ناروءَ جي شنوائيءَ جي تاريخ آهي. ڪورٽ
ي ٻاهران هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. سڀني ماڻهن
هو ئي ٻڌڻ ٿي چاهيو تہ، ”ڏسجي نارو پنهنجي
صفائيءَ ۾ ڇا ٿو چوي.“

جج صاحب پنهنجي چيمبر مان ٻاهر نڪري، ڪورٽ
۾ داخل ٿئي ٿو. سڀئي جج صاحب جي عزت ۾ اٿي
بيهن ٿا. جج صاحب جيئن ئي پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي
ويٺو، تيئن هرڪو پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيو.
ٽي ڪيس هلي چڪا هئا تنهن ڪانپوءِ ئي ناروءَ جو
نالو پڪاريو ويو. نارو جنهن وقت پڃري ۾ اچي بيٺو،
تنهن وقت سندس نظرون جهڪيل هيون. سندس
سامهون گيتا آندي وئي. ناروءَ گيتا تي هٿ رکي
قسم کاڌو تہ جيڪي بہ چوندس سچ سچ چوندس. جج

ڇا آهي؟"

اهو سوال ٻڌي نارو هراسجي ويو تنهن هوندي به همت ٻڌي چيائين تہ "سائين هن ۾ تہ گهر جو پراڻو سامان رکيل آهي."

"هن پيٽيءَ جي سرچ ڪئي اٿَوَ؟" انسپيڪٽر سپاهين کان پڇو.

"سر اسانجو تہ پيٽيءَ ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ويو آهي."

"چڱو مٿي وڃي جاچ ڪري اچو. سپاهي مٿي چڙهيا. ناروءَ جو جڻ تہ خون ئي سڪي ويو. هن سمجهو تہ هاڻي مان سڄي زندگي آرام سان ويهي کائيندس. ليڪن قدرت واري ڪيس اهو ڪاڌو هضم ڪرڻ نہ ڏنو. نٿورام جا سڀئي زيور ۽ روڪڙ اُن پيٽيءَ مان ئي نڪتا.

مکيءَ کي تہ جڻ وشواس ئي نٿي آيو تہ، نٿورام جو قاتل سندس جگري دوست نارو ئي هوندو. انسپيڪٽر ناروءَ جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڪمر ۾ رسي ٻڌي، ڪارو منهن ڪري، پنڊ شاهي بزار ۾ گهمايو. هشام ماڻهن جا هن جي پٺيان هئا. سڄي شهر ۾ خبر پئجي ويئي تہ نٿورام جو قاتل نارو ئي آهي. سڀني کي ناروءَ مان نفرت اچڻ لڳي تہ ٿوريءَ لالچ جي

پڻ گنڀير ٿي ويو هو ۽ ناروءَ جو آواز پڻ ٿوري وقت جي واسطي بند ٿي ويو. آنسون اُگهندي ناروءَ وري چوڻ شروع ڪيو ته سرڪار، مونکي جڏهن جڏهن به پئسن جي ضرورت پوندي هئي ته نٿورام مونکي ڏيندو هو. ڪڏهن به پئسن ڏيڻ کان انڪار نه ڪيائين. ليڪن سندس ننڍي ڀاءُ منگت کي اها ڳالهه نه وڻندي هئي. مگر مريادا جي خيال کان وڏي ڀاءُ کي وڌيڪ چئي نه سگهندو هو. منگت ڇهن جي برابر سگهارو مڙس آهي. هن جي هوندي ڪڏهين به سندن گهر جي چوري نه ٿي هئي. هڪ ڏينهن نٿورام کيس چيو ته ”منگت! امان ۽ بابا جي اِڇا آهي ته تيرٿ ياترا ڪري اچون. هاڻي حياتيءَ تي ڀروسو به ڪونه آهي. اُنهن کي به تيرٿ ياترا ڪرائي اچ ۽ پنهنجن ٻارڙن کي پڻ زال سميت ياترا ڪرائي اچ.“ منگت ياترا تي ويل هئو. نٿورام جي ٽجوڙي سون چانديءَ ۽ نوٽن سان ڀريل هئي. منهنجي اندر ۾ پاپ اچي واسو ڪيو. منگت جي هوندي، جگر نه ٿئي ها. نٿورام ٻن ٻارن ۽ زال سميت هئو. سوچيو هوم ته روالور ڏيکاري ٽجوڙيءَ جو ٻار ڪجهه هلڪو ڪري ايندس. هيءُ روز روز بيڪارين وانگر نٿورام کان پئسا گهرڻ سو به ٺيڪ نٿو لڳي. اُن رات مون ڀاڻ کي اهڙي

صاحب ناروءَ کان پھريون اِهو ئي سوال پڇيو، "فوتي نٿورام ۽ سندس ڪٽنبين جو ڪنهن قتل ڪيو؟ تنهن جي توکي ڄاڻ آهي؟"

"ميءِ لارڊ اِهو گناهه مون کان ئي ٿي ويو آهي."

"تون پنهنجو هوش حواس سالم رکي ڳالهائين ٿو يا نہ؟" جج صاحب پڇيو.

"سرڪار مان سچ چئي رهيو آهيان." ناروءَ جج صاحب ڏانهن نهاريندي چيو.

"قتل ڪرڻ جو ڪارڻ؟"

"حضور اِها هڪ لنبي ڪهاڻي آهي. اجازت ڏيو تہ ٻڌايان."

جج صاحب کيس حقيقت ٻڌائڻ جي اجازت ڏني.

"سرڪار نٿورام منهنجو گهري ۾ گهرو دوست هوندو هو. اسين هڪ ٻئي کان ڪابہ ڳالهہ ڪونہ لڪائيندا هئاسين. قرب وچان نٿورام هميشه ڀاڪر پائي گڏبو هو. روٽيءَ کائڻ جو وقت ٿيندو هو، تڏهن بہ روٽيءَ کائڻ کا سواءِ کين ڇڏيندو هو. سندس ٻارڙا پڻ مونکي عزت ڏيندا هئا. سندس زال مونکي ڏير سمان سمجهندي هئي. ائين چوندي ناروءَ جي نيڻن ۾ نير ڀرجي آيو. کيس اُن وقت ماضيءَ جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. سڄيءَ ڪورٽ جو وايو منڊل

ـهنجي مٿان ڪو ڀوت سوار آهي. نه چاهيندي ٻـ
ـهنجي ريوالور جون گوليون ٺا، ٺا ڪري ٻاهر نڪرڻ
ـڳيون. سيني کي ڦٽڪندو ڏسي منهنجو هوش ئـي
ـر ٿي ويو. مون هي ڇا ڪيو؟ پوءِ مان ڏاڍو پڇتائڻ
ـڳس. اچانڪ ٻلوءَ جي منهن مان نڪتو، ”انڪل
ـڻي“. مان ڊوڙي پاڻـي پري آيس. ليڪن پـڪي
ـري مان نڪري ويو. مون ٻلوءَ جي لاش مٿان ڏاڍو
ـنو هو. مونکي ياد آيو ته جنهن ڏينهن ٻلو ڄائو هـو
ـنهن ڏينهن مان ڪيس گود ۾ کڻي ڏاڍو نچيو هوس.
ـتو رام منهنجي مٿان ۽ ٻلوءَ جـي مٿان نوٽ ٿـي
ـهو ڙيا. منهنجي يار جـي گود ڀـري هئي. تنهن ئـي
ٻلوءَ جو قتل منهنجي هٿان...... ! ڀڳوان مون هي ڇا
ـڪيو؟

جيڪا ڀاڀي مونکي گرم گرم روٽي پنهنجن هٿڙن
ـسان تيار ڪري کارائيندي هئي تنهن کي به مون ماري
ـڏو!

ويچاري نياڻي ڪيڏي نه سڀاجهي هوندي هئي.
ـمونکي ڀاڪر پائي ڪيڏو نه پيار ڪندي هئي. پنهنجن
ـننڍڙن هٿڙن سان مونکي کجهه نه کجهه
ـکارائيندي رهندي هئي. اڄي هتيا به منهنجي ئي هٿان
ـٿي. منهنجو يار به منهنجي ئي هٿان کسجي ويو!

نموني پڻ ڪيو جو موهنکي ڪير سڃاڻي نه سگهي. پنهنجي مان به صرف ٻه اکيون نظر ٿي آيون. آڌي رات جو وقت هو، ريوالور هٿ ۾ ڪڍي، اچي نٿورام جو دروازو کڙڪايم. نٿورام جي اک کلي، "منگت آهين ڇا؟" ننڊاکڙي ٿي اکين سان هڻ اچي دروازو کوليو. مان ڪيس ريوالور ڏيکاري گهر جي اندر داخل ٿيس. ريوالور ڏسي نٿورام ڏڄي ويو. تجوري کولڻ جو کيس اشارو ڪيم. هن ڇابي هٽي تجوري جو دروازو کوليو. مون سون، چانديءَ ۽ نوٽن سان ٿيلهو ڀري ڇڏيو. مان پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيس. ليڪن پل ۾ ڇا ٿيڻو آهي، تنهنجي ڄاڻ ڪانه هيم. گهر جا سڀ ڀاتي جاڳي پيا هئا. هراسيل اکڙين سان مون ڏانهن نهارڻ لڳا. مان ٻڌيان پير ڪري هلڻ لڳس. اچانڪ موهنکي ٿاٻو اچي ويو. مان ڪري پيس. منهنجو پٽڪو پڻ لهي ويو. نٿورام موهنکي ڏسي وائڙو ٿي ويو. سندس منهن مان نڪتو "اڙي نارو تون! هيءُ ناٽڪ ڪرڻ ڪڏهن کان سکئين؟" ائين چئي هن موهنکي پنهنجن ٻانهن جو سهارو ڏيئي اچي اُٿاريو. "نارو، تو ته اسانجو ساهه ئي ڪيي ڇڏيو هو." گهر جا سڀئي ڀاتي مون ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳا. شرافت جي به ڪا حد ٿيندي آهي. هن ويچارن کي ڪهڙي خبر ته

چاهيو. جوش ۾ اچي گهر کان ٻاهر نڪتس. سڌو تلاءَ
۾ وڃي ٽپو ڏنم. مونکي خود پاڻ تان ئي عجب ٿيڻ
لڳو. مون مرڻ خاطر ئي تلاءُ ۾ ٽپو ڏنو هو، مگر ٽپي
ڏيڻ کانپوءِ، مان جيئڻ خاطر تري رهيو هوس. ترندي
ترندي اچي ڪناري جي ڏاڪڻ وٽ پهتس. ڪافي
دانهيم تائين ويٺو رهيس. ڏٺم ته صبح ٿيڻ وارو آهي.
اچانڪ مندر جو پوڄاري ڀڳوان جو نالو جپيندو
جپيندو، تلاءُ جي گهاٽ وٽ اچي سنان ڪرڻ
لڳو. پوڄاري ڪيترو نه خوش آهي. ڪيڏي نه
شانتي اٿس. مان سندس مشڪندڙ چهري مان ائين
محسوس ڪرڻ لڳس. هڙئي حال ۾ مونکي ڀڳوان
جي نالي جپڻ جو به اڌيڪار ڪونه آهي. ڪهڙي
منهن سان ڀڳوان جو نالو جپيان؟ اُن وقت مان ائين
سمجهڻ لڳس ته مون کان سواءِ، هتي جو هر ڪو انسان
سکي آهي. ڪيتري وقت تائين ائين سوچيندو رهيس.
آخر آلن ڪپڙن سان ئي پنهنجي گهر موٽي آيس.
اُن وقت گهر جا سڀئي ڀاتي جاڳي رهيا هئا. منهنجو
حال ڏسي سوالي نظرن سان، مون ڏانهن نهاريندا
رهيا. مان سڌو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آلا ڪپڙا
بدلائڻ لڳس. ”نيرن کڻي اچان؟“ منهنجي ڌرمپتنيءَ
مونکي چيو، ”نه.“ مون صرف نه ۾ جواب ڏنو.
”ڀلا چانهه پيئندا؟“

هن منهنجي واسطي ڇا نه ڪيو ! اُنهي بدلي مان ڇا ڪري ويٺس! ٿوريءَ لالچ جي ڪري مان پنهنجي يار جو گهر برباد ڪري ويٺس .... ! ائين چئي ڪنهڙي سان سر ٽڪرائڻ لڳو.

جج صاحب مان پنهنجي يار جي لاش مٿان ڪري پيو هوس. مون پنهنجو به انت آڻڻ ٿي چاهيو. ريوالور ڪنپٽي سر جي مٿان رکيم. صرف گولي هلائڻ جي دير هئي. مگر اندر ۾ ويٺل پاپ مونکي ائين ڪرڻ نه ڏنو. پوءِ ته مان پنهنجي جان بچائي گهر کان ٻاهر نڪتس. ٻاهريون دروازو ڀيڪڙي تيز قدمن سان هلندو رهيس. هلندي هلندي اچي پنهنجي گهر پهتس. گهر وارا سڀ گهريءَ ننڊ ۾ سمهيا پيا هئا. هنن کي ڪهڙي خبر ته مان ڪهڙو خطرناڪ ڪم ڪري آيو آهيان. ٿيلهو ٻچڙيءَ ۾ لڪائي مان به وڃي پنهنجي بستري تي سمهيس. مگر نيڻن ۾ ننڊ ڪٿي!

”اَنڪل پاڻي.“ ٻلوءَ جا ساڳيا ٻه اکر، مونکي بار بار ٽڙڪائيندا ٿي رهيا. تنهن ڪري منهنجي نيڻن مان نير وهندو ٿي رهيو. ڇا منهنجي زندگي هاڻي هن طرح ڪٽبي! اُن وقت منهنجو سڄو سرير ڏڪي رهيو هو. مونکي خود پاڻ تان ئي نفرت اچڻ لڳي. هن جيئڻ کان ته موت بهتر آهي. مان اُن وقت مرڻ ٿي

"جج صاحب مان خوني آهيان، مان قاتل آهيان.
ونکي ڦاسيءَ جي سزا ڏيو. بس، مونکي هينئر
ي ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي."

اهو بيان ٻڌي، سڄيءَ ڪورٽ ۾ سناٽو ڇانئجي
يو. ڪٽهڙي ۾ بيٺل نارو، مڇيءَ وانگر ٿڙڪندو ٿي
هيو. باقي جج صاحب کي فتوا ڏيڻي هئي. جج
صاحب فتوا ڏيندي چيو ته، "جوابدار ناروءَ جيڪو
ناه ڪيو آهي، تنهن گناه لاءِ جوابدار کي ڦاسيءَ جي
سزا ڏيڻ، گهٽ سزا آهي. تنهن ڪري مان جوابدار
کي، جنم ٽيپ جي سزا ٿو ڏيان ته جيئن جوابدار ڪيل
گناه جي آڳ ۾، ساري زندگي جلندو رهي."

اها ججمينٽ ڏيئي جج صاحب، ڪورٽ مان اٿي
پنهنجي چيمبر ۾ هليو ويو.

اها ججمينٽ ٻڌي نارو زار زار روئندو رهيو. پوليس
وارا آيا، ناروءَ کي هٿڪڙيون هڻي پاڻ سان گڏ وٺي
ويا. زندگيءَ ڀر روئڻ لاءِ.

——

"مونکي ڪجهه نه گهرجي." ٻانهن کان پڪڙي کيس پنهنجي ڪمري مان ٻاهر ڪڍيم. مان جوش ۾ سهڪندو سهڪندو پنهنجي بستري تي اچي سمهيس. "انڪل پاڻي." ٻلوءَ جي صورت منهنجي اکين جي سامهون اچي بيٺي. "ٻلو مان بدنصيب توکي پاڻيءَ جا ٻه ڍُڪ به پياري نه سگهيس. مونکي معاف ڪج ٻلو، مونکي معاف ڪج. ائين چئي مان زار زار روئڻ لڳس، چلائڻ لڳس. ايتري قدر جو مان زور زور سان واڪا ٻڙ ڪرڻ لڳس. منهنجي ماءُ ڊوڙندي اندر آئي." "ڏارو پٽ ڇو ٿو روئين؟ ڪهڙي تڪليف آٿيئي!!" هن منهنجي مٿي تي هٿڙو گهمائيندي چيو.

اَمان، اَمان، چئي مان سندس گود ۾ ڪري پيس. منهنجي نيڻن مان نير وهڻ لڳو. اَمان مونکي ڪٺي پنهنجي سيني سان لڳايو.

"ڏارو، ڇا پنهنجي دل جو حال ماءُ کي به نه ٻڌائيندين!"

مان پنهنجي ماءُ سان سڄي حقيقت ڪرڻ وارو ئي هوس ته، هڪ ڪاري ٻلي اچي اڱڻ ۾ بيٺي. ڪاري ٻليءَ کي ڏسي منهنجي ڇاتي ڇڄي پئي. اچانڪ اُن وقت مکي صاحب جو سڏ ٿيو.

موهنا جي رهڻي ڪهڻي، ڪاڌو پيتو، پهراءُ سڀ
پشي. ماءُ کان بلڪل اُبتڙ.

سندريءَ کي ٻه ٻس هڪ ئي چنتا هئي ڌيءُ جي
اديءَ جي.

اڄوڪي پوسٽ جي لفافن ۾ هڪ لفافو امريڪا مان
و آهي. اِها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. سندريءَ جا
ئُر ٻاڃاڻون امريڪا ۾ ئي رهندا آهن ۽ سندريءَ اُنهن
ي موهنا جي رشتي لاءِ ڇوڪرو ڳولهڻ جي پيشڪش
ط ڪئي آهي. پهرين سندريءَ اهو لفافو کوليو. چٺي
ڻ هندي ئي هن جي چال ۾ ڦڙتي اچي وئي. لکيل
و ته دنيش هندستان ۾ شاديءَ لاءِ ڇوڪرين ڏسڻ
چي رهيو آهي. توهان وٽ اچي لهندو. موهنا لاءِ دنيش
ام سٺو ساٿي ست ٿيندو جو هو پڙهيءَ ۽ تعليم ۾ تمام
ڙهيل آهي.

لکيل هو ته هن جي ڪلي دل سان آءُ ڀڳت ڪجو
ڪم نه ٿي وڃي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته موهنا کي
و ضرور پسند ڪندو.

سندريءَ ٻن ٽن ڏينهن جي موڪل ورتي ۽ گهر
ي ڊاهه ٺوهه ۾ لڳي وئي. ڏينهون ڏينهن گهر جا پڙدا
مٽيا ويا، نوان ۽ قيمتي پڙدا لڳايا ويا. ميزن جا ميزپوش
۽ گلدستا پڻ مٽيا ويا. پلنگن تي جهاليدار چادرون وڇايون

سچو جيون ساٿي

ڪاليج جي پروفيسر سندري ڪلڪتي جي هڪ عاليشان بنگلي ۾ پنهنجي ڌيءُ مونا سان رهندي آهي. عمر گذري اٿس پر هن تي وديشي نشو نه چڙهيو آهي. هندستاني ساڙهي ۽ سادو سودو جوڙو هن جي سادگي ۽ ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي ساک ڏئي رهيا آهن.

ڪنهن وقت ۾ سندريءَ جو پتي نامي گرامي واپارين مان هڪ هو پر ٻه سال اڳ هارٽ اٽيڪ ۾ ويندو رهيو. پئسو ته ستن پيڙهين لاءِ ڇڏي ويو آهي، پر پئسو انسان جي پورائي ته نٿو ڪري سگهي.

سندريءَ جي ڌيءُ جو نالو آهي مونيڪا پر پيار سان سڀ چونس مونا. ڪافي حسين، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ماڊرن آهي پر وديشي تهذيب جي حامي آهي. سندريءَ گهڻيئي چاهيو ته مونا کي هندستاني تهذيب ۾ ڍالي رکان پر مونا کي ته پوري سنڌي به ڪونه اچي. ڀلا جنم کان انگريزي اسڪول ۾ تعليم ورتي سبب انگريزي ئي هن جي ماتر ڀاشا ٿي وئي. لٽريچر ۾ بي اي. ڪري هاڻي ايم. اي. به انگريزيءَ ۾ ئي ڪري رهي آهي.

اُنيتا تہ مونا کان بلڪل اُبتڙ ھئي. ھن کي پنھنجي
تر ياشا ڳالھائڻ ۾ شرم نہ ايندو ھو. ڪٽ وار ھن
ي پسند نہ ھئا. لن ڪري گھاٽا ۽ لنبا ڪارا وار
وني جي روپ ۾ چيلھہ تي جھولي رھيا ھئا. سنھڙا
ڪپڙا ھن کي پسند نہ ھئا جن مان انگ پردرشن ٿئي.
ن کي ھندستاني لباس ڪڙتو ۽ ساڙھي ئي پسند
ئا. ڪاڌن ۾ ھوءَ ھندستاني کاڌا سنا ۽ سوادي ٺاھڻ
ا ڄاڻندي ھئي ۽ رسوئيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ھن جي 'ھابي'
ئي. سياؤ جي مٿر ۽ ڪم جي فرصت ھئڻ ڪري ٿي
ندريءَ ھن کي پاڻ وٽ گھرائي ورتو.

د نيش کي ونئي جڏھن ڪار بنگلي ۾ داخل ٿي تہ
نيتا نمستي ڪري د نيش جو سواگت ڪيو. اُن وقت
ڪ ھلڪي مسڪان ھن جي مکہ تي ھئي ۽ ھڪ
اري سُلپ شرم جي سُرمائي اکين ۾ ھئس. ڳالھائڻ
اڪيءَ کان مٿو ۽ ھندستاني ناريءَ جي لڄ وارو
نوس.

حال چال وٺڻ کان پوءِ ناشتي جو دؤر شروع ٿيو.
نيتا د نيش لاءِ ديسي ۽ ود يشي ٻنھي طرحن جي
اشتي جي تياري ڪرائي ھئي. ھڪ پاسي مکائيءَ
جو ٻوڏو، سڃي گيھہ جي خوشبوءِ وارو ۽ ڏھي، ٻئي
اسي مٺيت، بريڊ ۽ ٻوڊ لس.

ويون. ديوارن تي وڏيون شاهي پينٽنگس لڳايون ويون. غاليچن کي به ويڪيوم ڪلينر سان صاف ڪرائي چمڪايو ويو. شيشي جي المارين ۾ شو پيس چمڪائي رکيا ويا. مطلب ته گهر جي ڪايا پلٽ ڪئي وئي پئي ڏسڻ ۾.

گهر ۾ رسوئي ٺاهڻ لاءِ نوڪرياڻي ته هئي پر سٺا طعام ٺاهڻ لاءِ هوشيار ڪڪ جو به بندوبست ڪيو ويو. سڀ ڪم ڦڙتيءَ سان ٿي ويو.

صبوح جي فلائيٽ ۾ دنيش لهندو. ڪار جي به صاف صفائي ڪري چمڪايو ويو.

مونا جي خوشيءَ جو ته پار ئي نه هو. هن جي دل ۾ ته سندر سپنن جيڪو گهر ڪيو هو سي سچ ٿيندا ٿي نظر آيا.

ان ۾ شڪ نه هو ته مونا حسين، نازڪ ۽ ماڊرن هئي. هن پنهنجا وار هيڪارين بواءِ ڪٽ ڪرايا ۽ اسڪرٽ بلائوز پائي دنيش کي وٺڻ ماءُ سان ائروڊرام تي وئي. هن هلڪو ميڪ اپ ڪيو هو پر لپسٽڪ گهري لڳل هئس جيئن دنيش کي گهڻو لڀائي سگهي.

ان وچ ۾ سندريءَ پنهنجي ڀيڻ جي ڌيءَ انيتا کي جيڪا مونا سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي گهرائي ورتو. جيئن ته ڪم ڪار ۾ مدد ملي سگهي.

...مس سان ٿي پيار آهي. هن هڪ سنجيده فلمي گيت ...يو. مونا انگلش گيت ڳايو. انيتا کي دنيش پڻ ...ڻ جي فرمائش ڪئي. هن ميرا جو پڻ ڏاڍي سريلي ...رز ۾ ڳايو. دنيش هن کي تمام ساراهيو.

شام جو سڀ فلم ڏسڻ ويا. دنيش هندستاني فلم ...سڻ پسند ڪئي. مونا کي نه وڻيو ڇو مَن ماري سڄي ...ئر وهٽو ويس. انيتا پڪچر انجاءِ ڪئي. گهر اچي ...وني ڪائي سڀ ڳالهه ڪري ويا. رستي تي دنيش ...ڇيو، ”هندستان ۾ ناريءَ پنهنجي اها جڳهه نه ناهي ...آهي، جيتري ٻارين ۾ انهن ناهي آهي.“

ان تي انيتا چيو، ”مان نٿي مڃان. هتان جا طور ...طريقا پيا آهن پر سٺا آهن. اُتي ناري ڪيتري به ...ارو ٿي وڃي پر فئمليءَ لائيف انجاءِ نٿي ڪري. ...ماڻهون ڪٽنب کي پڻ ڪونه. روز طلاق ۽ فيشن ...جي ڊوڙ ۾ ناري اَي ته برباد ٿي آهي.“

دنيش چيو، ”تنهنجو سوچڻ ڪنهن حد تائين ٺيڪ ...آهي پر هندستاني پُرش جي نظر ۾ ناري اُتي به ...وجهه آهي بشرطيڪ ناري به هندستاني سوچ اختيار ...ڪري.“

انيتا – ”اُتي جي هوا ئي اهڙي آهي جو ناريءَ ...جي سوچڻ جو طريقو مٽجي ٿو وڃي. اُتي دوست نه مٽاءِ

دنيش ته ڏهي ٻڙو ڏسي هڪدم ڪاٺڙ کي جهٽي ويو ۽ پوءِ اُن کاڌي جـي ساراهه ڪندي چيائين - ”واهه ڇا کاڌو آهي ڀائي ڪنهن ٺاهيو آهي؟ دل ٿـي ڪري اُن جا هٿ چمي وٺجن.“ هـن سڻنديءَ ۾ چيو. انيتا جا نيڻ شرم کان جهڪي ويا ۽ ڳلن تي شرم جـي لالي ڇانئجي وئي.

هاڻي ناشتي کان پوءِ گهمڻ ۽ شاپنگ. جـو پروگرام رکيو ويو. مونا وري فئشنيبل ماڊرن ڊريس پاتـي ۽ گهرو ميڪ اپ ڪيائين. انيتا سمپل ڪپڙن ۽ ميڪ اپ ۾ هئي ته به من موهيندڙ ٿي لڳي. شاپنگ دنيش کي پنهنجي پيرن ڀائرن لاءِ ڪرڻي هئي. اُتـي انڊين ڊريسون ۽ سوکڙيون پسند ڪيون وينديون آهن جيئن اسين هتي وديشي ڪپڙن ۽ سوکڙين کي پسند ڪندا آهيون.

دنيش ڏٺو ته هن جي ۽ انيتا جي پسند ميل پئـي کائي، مونا جي پسند ۾ وديشي جهلڪ وڌيڪ هئي.

لنچ تائين اچي گهر پهتا. روٽـي ٽيبل تـي تيـار هئي. سرهيه جو ساڳ، آلوءَ جا پراٺا، مٽر پنير جي ڀاڄي، ڪوفتا ۽ نان ويج به هو. پـر دنيش هندستاني کاڌو دل سان کاڌو.

کاڌي کان پوءِ ميوزڪ جي واري آئي. ڪير ڇـا جاڻي، سوئي ڳائي. دنيش ڪـي پراڻن گانن ۽ انڊين

ڪاڙهي ڪونه ڇاڏيندي هئي. هيڪاري ڪاڏي مان
ص ڪيڏي ڪُڪ کي پئي جهاڙيندي هئي ته هن
هيءَ ڪمي آهي. هن ۾ غرور هو ۽ نڪ تي
دا غصي جي جهلڪ نظر ايندي هئي. جڏهن ڪ
نيتا جي چهري تي سدا هڪ قدرتي مسڪان پئي
ن جو چهرو ٻهڪائيندي هئي.

مونا کي نه ساڙهي پائڻ ايندي هئي نه پسند هئي.
ڏو گڏ ميرا ڪير هئي، رام جو آدرش راماڻ ۾
کهڙو آهي يا ڪرشن گيتا ۾ ڪهڙو اُپديش ڏنو
آهي؟ ان باري ۾ ڪابه ڄاڻ نه هئي نه ئي ڪڏهن
هن ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي ڪئي هئي. جڏهن ڪ
نيتا خالي وقت ۾ ڌرمي پستڪ چاهه سان پڙهي
انهن جا آدرش پاڻ تي لاڳو ڪندي هئي. هن کي
پڙهڻ جو چاهه هو. مونا کي گهمڻ ۽ اوچي اُڏڻ جو
چاهه هو پر انيتا هن ڌرتيءَ تي رهي ئي سچائيءَ
جي زندگيءَ کي جيئڻ جي چاهه رکندي هئي.

سندريءَ پڻ ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي هامي هئڻ
سبب دنيش جي دل کي ڇڪي ورتو هو. پر مونا
دنيش جي دل تي ڪوبه اثر نه ڇڏي سگهي.

مونا پندرهن ڏينهن ۾ 45 وڳا مٽيا هوندا ۽ دنيش
ي طرح سان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش

تہ اُن ناريءَ کي دقيانوس چوندا. پوءِ ناريءَ جو
ڌن ۾ ڪهڙو ڏوهہ؟ چوندا آهن جهڙو ديش تهڙو
ويس، جهڙو اَن تهڙو مَن. پوءِ ناريءَ ۾ هندستاني
تهذيب رهي ڪٿان؟ مان تہ اهڙي ناري يا پُرش
جي آزاديءَ جي خلاف آهيان جنهن سان فئملي
ٽُٽي ٿي، پريم نہ رهي ۽ بزرگن کي تہ ڪير پسند
ئي نہ ڪري."

وچ ۾ سندريءَ ٽوڪيو، "واچ جا ٻارهين لڳا
آهن هاڻي آرامي ٿيو."

سڀ پنهنجي پنهنجي بستري تي آرامي ٿيا.

ديش هڪ هفتي لاءِ آيو هو پر 15 ڏينهن
رهي پيو. انهيءَ 15 ڏينهن ۾ هن مونا ۽ انيتا ۾
وديشي ۽ ديشيءَ جي جهلڪ ڏٺي.

مونا رنگين تتليءَ وانگر هئي. هوءَ سرير جي
انگن جو پرورش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندي هئي.
پنهنجي سندرتا جو پورو پرورش ڪندي هئي. جڏهن
تہ انيتا جي چُني بہ ڪڏهن ڪلهي تان کسڪي
ويندي هئي تہ هوءَ پشيمان ٿي چُني پاسي ڏسندي
هئي تہ ڪنهن ڏٺو تہ ڪونہ؟

ڪاڏا بہ هندستاني سوادي ٿاڌي چاهہ سان هوءَ
ديش کي ڪارائيندي هئي. مونا تہ هڪ ڪوپ چانهہ

زيور چاهه سان پائي. هندستاني ڪاڌا ٺاهڻ ۾ ماهر هجي ۽ هندستاني پتنيءَ وانگر پتيءَ کي ديوتا نه به مڃي ته برابر جو ساٿي ضرور مڃي. هوءَ وڏن جي عزت ڪري ۽ گڏيل ڪٽنب ۾ رهي سگهي. سپنن جي دنيا ۾ نه رهي ڌرتيءَ تي رهڻ واري هجي ۽ هن کي هندو ڌرم جي آدرش تي هلڻ لاءِ ڌرمي ڪتابن جو گيان هجي.

توهان پنهنجي سپتريءَ ۾ مٿين گڻن مان ڪو به گڻ نه ڏسندا. توهان ۾ ته هندستاني تهذيب جي پرمار آهي پر مونا ته ديش ۾ رهي به وديشي ٿي وئي آهي. لن ڪري مونا کي جيون ساٿي ٺاهڻ ۾ مان اسمرٿ آهيان. مونکي لن جو دک آهي.

مونکي ڪپي سادگي ۽ هندو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ جيڪا توهان جي پٽڻ جي ڌيءُ انيتا ۾ آهي. جيڪر انيتا منهنجي جيون ساٿي ٿيڻ قبول ڪري ۽ 'ها' ڪري ته منهنجو هندستان اچڻ سڦلو سمجهندس. مونکي اُهڙي نئي سچي جيون ساٿيءَ جي ضرورت آهي. گهڻت وڌائيءَ لاءِ مونکي معاف ڪندا.

پيارن مان
دنيش

ڪئي. پر دنيش انهن ڇوڪرن مان نه هو ته هو اهو ظاهر ڪري ته مونا هن کي پسند نه آهي. هن جي وهنوار ۾ شاليننتا هئي. هو گنڀير هو جو معاملو جيون ساٿيءَ جو ۽ سڄي عمر جي نڀاءُ جو هو.

آخر دنيش جي وڇڙ جو ڏينهن به اچي سهڙيو. مونا ۽ سنڌريءَ کي دنيش جي 'ها' جو انتظار آهي. پر دنيش مؤن آهي. ڪار ائروڊرم تي به اچي پهتي آهي. ٻنهي جون نظرون دنيش جي 'ها' يا 'نه' جي هڪ جهلڪ لاءِ هن جي منهن تي کتل آهن. پر دنيش تي، گنڀير لڳو پيو آهي.

هوائي جهاز اڏامڻ تائين به هو ڪو جواب نه ٿو ڏئي ۽ هليو ٿو وڃي.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ سنڌريءَ جي هٿ ۾ هڪ لفافو ٿو ملي. لکيل هو:—

ڊيئر آنٽي،

مان هندستان ۾ جيون ساٿيءَ جي تلاش ۾ انڪري آيس جو مونکي هندستاني تهذيب واري ڇوڪريءَ جي تلاش هئي. ماڊرن ۽ ويسٽرن رنگ ۾ ٻڌل تتليون ته مونکي هتي به گهڻيئي ٿي ملي سگهيون پر مونکي کپي هڪ هندستاني ناري جنهن ۾ ناريءَ جي شرم حياءُ جو گهڻو هجي. هوءَ هندستاني ڪپڙا ۽

ڪجهه ڏسڻ لا وڃون، تون ڪجهه اچي ۽ هڪ ماسي کي هتان
سال نه ڪجهو."

ير هنڪي لوڌ ڏني باهر نڪري ويئي.

هنڪي جي لي سنڌو، موهنجو ڏڙو ڏي ڏسي ڏي
دا ڏي ويو هو. هنڪي ننڍو ڪان ڪتاب جي ولڪو
اري هتي لي ڪري ڏي هن جو نالو هنڪي لاءِ رکيو
يو هو. هاڻي شادي ڪئي سال کي مس ٿيو اٿن.

هوئي ته رتن به ڏاڍو ڪو جوان آهي، انجنير آهي
۽ هن جو ڪيڏو ۽ اُن جا سڀ پاڻي سادا سودا آهن.
مس کي نئين ڦوندا اچي ڏني ڪوله.

رتن جو پيءُ به انجنير هو، پر هو ايماندار ۽
محنت ڪش. ڪڏهن به رشوت ڪا ورتائين لي ڪري
عاليشان محل نه اڏائي سگهيو. هن جي ڀيڻ به ڏه آهي
ڏي ڪڏ شامل آهن.

هنڪي خاص اسر ڪيراڻي مان آئي آهي. شروع
تان ڪالوني جي هاسٽل ۾ رهي ڪري ڪمائي لاءِ
آهي. هيڏانهن امتحان ڏئي هوڏانهن شادي ٿي
ويس.

شادي جا جيڪي آثار مهينا ته هتي هئي، سڀ سمهاڻ
۾ ڏي نڪري ويئي. ير اڄ رتن کي گهر ڀائي ته هنڪي
ته ٿي ڏي فلڪو وڃڻ نه ڪوڙ جاڻي. مشڪل سان ڦالڻ

پيار جو احساس

آئيني مان موٽندي ئي رتن پنڪيءَ کي چيو – ”ٻواڙي لڳا! اڄ ٻڪر جون اکيون وٺي آيو آهيان، تون جلدي ڇانهه ٻي تيار ٿي. ڇهين بجي گهران نڪرڻو آهي.

پنڪيءَ کي تيار ٿيڻ ۾ ٿورو ڪلاڪ لڳو. جڏهن هوءَ تيار ٿي رتن جي سامهون اچي بيٺي ته هو کيس ڏسندو ئي رهيو. کيس لڳو ڄڻ ڪا حور اندر لوڪ مان هن ڌرتيءَ تي لهي آئي آهي.

هن جو چندرما سمان چهرو، هرڻيءَ جهڙا نماڻا نيڻ، گلاب جي گلن تان وڌيڪ ڳلن تي لالي، چپ لپسٽڪ سان ڳاڙها ٿيل ۽ هن جو ستارن سان ڳاڙها ٿيل ۽ هن جو ستارن سان سجيل نيري ساڙهيءَ ۾ سينگاريل سونهري سولو.

رتن سندس حسن کي يڪ ٽڪ ڏسندو ئي رهيو. پوءِ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي هلڻ جو اشارو ڪندو ڪمري کان ٻاهر نڪتو. رتن جي ماءُ در تي بيٺل آهن. رتن ماءُ کي پيري پئي چيو – ”ممي! اسين

ينهن رتن آفيس مان آيو ته ڏسي پنڪي ڪمري ۾
ڪواهي. هو پڇڻ ماءُ جي ڪمري ۾ ويو ته ماڻس
تي رسوئيءَ ۾ آئي. چانهه جا ٻه ڪوپ ٺاهي هڪ رتن
ي ڏنائين ٻيو پاڻ کڻي پيڻ ويٺي.
رتن پڇيس - ”ممي! پنڪي ڪيڏانهن وئي آهي؟“
ممي سهج سڀاءَ چيس، ”هوءَ ته صبوح کان نڪتي
هي، ٻڌائي ته وڃي ڪونه.“
رتن جي ماءُ جي آواز ۾ هڪ درد ۽ نراسا هئي.
رتن چتائي ماءُ جي منهن ڏانهن نهاريو ته منهن ڪومايل
۽ اکيون ڳاڙهيون ڏسي ڊڄي ويو. چتائي ڏسي ته چهرو
زرد لڳو پيو اٿس. ماءُ جي مٿي تي هٿ رکندي
پڇيائين، ”ممي ڇا توهان جي طبيعت ٺيڪ ڪونهي؟“
ميءَ چيو - ”نه نه مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان.“
رتن چيو - ”ممي! توهان کي ته مچ بخار لڳو پيو
آهي. اهڙي ۾ توهان گهر جو سڄو ڪم پيا ڪيو. پنڪي
۽ توهان کي اڪيلو ڇڏي وئي آهي؟“
ميءَ چيو - ”اڙي نه مان ڪا گوري وٺندس ته ٺيڪ
ٿي ويندس. چنتا جي ڪا ڳالهه ڪونهي.“
رتن ماءُ کي ٻانهن کان وٺي سندس ڪمري ڏانهن
وٺي وڃي بستري تي ليٽايو. پاڻ ڊاڪٽر کي وٺڻ لاءِ
ٻاهر نڪري ويو.

جو ٽوپو ڏيڻ ته ٿيو پر هٿ سان ٻه ٽوپو هڻڻ ڪونه اچيس .

چوندا آهن شاديءَ وقت ته ڇم ڏنو ويندو آهي پر پوءِ ڏنو ويندو آهي ڪم .

گهر ۾ ٻئيءَ ٻنڌڻ سڀ اچان رتن جي ٻـيڊي ماءُ سنڀالي . ٻنڪيءَ کي بس صبوح کان وٺـي شام تائين سينگار ، ڏينهن ۾ ٽي وڃـا مٺڻ ، انگريزي مگزنون ۽ ناول پڙهڻ ، انـگلش گانن جي ٽيپ وڄائڻ مـان ٿـي فرصت ڪونه ملندي هئي .

رتن جي آفيس وڃڻ کان پوءِ يا ته هوءَ ڪو نـاول کڻي پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي ويهي رهندي هئـي يا سٽر سپاٽي ۽ شاپنگ لاءِ نڪري ويندي هئي روٽي کائي منجهند جو آرام سان سمهي پوندي هئي ۽ شـام جو وري رتن سان سٽر ، پڪچر ، پارڪ ، ڪلـب يـا شاپنگ جي چڪر تي نڪري ويندي هئي .

رتن جي ماءُ وقت تي روٽي ٽيبل تـي لـڳائي پوءِ نونهن کي سڏ ڪري ته هوءَ روٽي پڙلر سان اچي کائي . ٻنڪي کائي وري ڪمري ڏانهن رخ ڪري . نڪو گهر گرهستيءَ جي چنتا نڪو ڪنهن جـي دکـ سکـ جـو خيال .

پر سڀ ڏينهن ٻه هڪ جهڙا نــه ٿيـندا آهن . اَن

رتن هونئن تان ٽفن ۾ روٽي وٺي آيو، تڏهن ٻنهي کاڌي.

رتن سڄي رات ماءُ جي پلنگ وٽ ڪرسي وجهي ويٺو رهيو. هر ڇهن ڪلاڪن تي ڪيپسول ڏيندو رهيو. سڄي رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيائين. پر پنڪي وڏو به نه آئي.

چار ڏينهن رتن جاڳي ڪاٽيا. پنجين ڏينهن هن پنهنجي پرڻيل ڀيڻ کي تار ڪري گهرائي ورتو. ڀلا هو اڪيلو گهڻا ڏينهن جاڳي؟ ۽ آفيس مان موڪل وٺي؟

آشا اچي گهر ۽ ماءُ جي ذميواري سنڀالي تڏهن رتن ٿڌو ساهه کنيو.

قدرت اهڙي جو ڪم ڪندڙ نوڪرياڻيءَ ڪي به هينئر ئي بيمار ٿيڻو هو. پر آشا بلڪل دل نه لاٿي. هوءَ تمام ڦڙتيلي ۽ هر ڪم ۾ هوشيار هئي. ٻاسڻ ملڻ کان وٺي جهاڙو پوچو ڪرڻ ۽ مريض جي سار سنڀال سان گڏ روٽي ناهڻ ۾ به هٻڪ نه ڪيائين. ڪم ڪار کان سواءِ به هن ۾ ٻيا گڻ به تمام هئا. هوءَ تمام گهڻي کلمک، ملنسار ۽ سڀني جو من موهيندڙ هئي. هن کي خبر هئي ته پنڪيءَ کي رسوئي گهر کان پرهيز آهي، ان ڪري اڪيلي هوءَ به ماءُ وانگر ڪم ۾ لڳي پئي هوندي هئي. آشا خود ڪانوينٽ ايجوڪيٽڊ هئي ۽

ڊاڪٽر اچي چڪاس ڪئي. چيائين - "بخار تہ ڪافي ڏينهن کان ٿو لڳي ۽ هاڻي ٽائيفائيڊ جو روپ اچي ورتو اٿائين. مريض کي آرام جي تمام گهڻي ضرورت آهي." ان وچ ۾ تہ رتن جي ماءُ جي حالت هيڪاري خراب ٿي وئي، بخار وڌڻ ڪري بيهوشيءَ جي حالت اچي ٿيس.

ڊاڪٽر دوائون لکي هليو ويو.

پنڪي لڏندي لمندي هٿن ۾ ڪجهہ بنڊل سنڀاليندي 8 بجي رات جو گهر پهتي. سڌي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ڪپڙا مٽائي انگريزي گانن جي ٽيپ لڳائي پڙهڻ لڳي.

رتن دوائون وٺي موٽيو تہ سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ هليو ويو. جڏهن پندرهن منٽن تائين بہ ڪو نہ نڪتو تہ پنڪيءَ کي عجب لڳو، هو تہ سڌو سڌ ڪندو پنڪيءَ وٽ ئي ايندو آهي، اڄ ڇو دير لڳائي اٿس؟ سوچيندي هوءَ سس جي ڪمري ۾ هلي وئي. ڏسي تہ هوءَ بستري تي ليٽي پئي آهي.

پنڪيءَ رتن کان پڇيو - "ڇا بخار ٿي پيو اٿن؟"

رتن چيو - "ها."

پنڪي ايترو پڌي بہ اُٿي ترسي ڪو نہ ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

"جيڪر تنهنجي ماءُ بيمار ٿئي ته ڇا تون هن جي
سيوا نه ڪندينءَ؟ ته پوءِ سس جي سيوا ڪرڻ ۾
ڪهڙو اهم آهي؟"

هن بي رکيءَ سان رتن کي جواب ڏنو- "اسان
جي گهر ۾ ايترا نوڪر نوڪرياڻيون آهن جو اسان
کي ته ڪنهن ڪم کي هٿ لائڻ جي ضرورت ئي
ڪونه پوي. بيمار جي سار سنڀال به اهي ئي لهن
مونکان ته رات جو جاڳڻ ٿئي ئي ڪونه."

رتن مٺو پٽي رهجي ويو.

هڪ صبوح آفيس وڃڻ لاءِ جيئن ڪٽي شرٽ پائي
ته ڏسي سڄو ڪالهو اڌڙيو پيو آهي.

مجبور ٿي پي شرٽ ڪڍيائين ته اُن جو ڪيسو اڌڙيو
پيو هئو. ٽيئنءَ جي پرس خراب ٿي وئي هئي. تڏهن
رڙ ڪري چيائين- "پنڪي! تون سڄو ڏينهن ويٺي
آهين پر هڪ ٽوپو نٿي ڏئي سگهين؟

پنڪي تڪرار جي موڊ ۾ چوڻ لڳي- "نه، مونکي
ڪونه اچي ٽوپو ڏيڻ، جيڪر توهان کي گهر جو ئي
ڪم ڪرائڻو هو ۽ ٽوپا ڏيارڻا هئا ته مون جهڙي
ڪانوينٽ ايجوڪيٽيڊ ڇوڪريءَ سان شادي نه ڪيو
هان، ڪنهن اڻ پڙهيل سان شادي ڪيو هان."

اُمن ڇئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ٿوري

انگلش ميڊيم سان گريجوئيٽ هئي پر هن کي ان ڳالهه جو گهمنڊ نه هو.

صبوح ٿيندي چانهه ٺاهي - ”چانهه گرم - چانهه گرم“ جا هوڪا ڏيندي پاڻ ڀاڄائيءَ کي ڪمري ۾ چانهه ڏئي ايندي هئي.

وري نوين بجي ناشتو ٽيبل تي تيار ڪري چوندي هئي - ”اچو پرڀوءَ جا پيارا ناشتو اچي ڪيو.“

منجهند جو ته ٽڙاڻ ڀاڄائي پئي روٽيءَ جي ٽيبل تي هونديون هيون.

آشا ماءُ لاءِ ڪڏهن موسميءَ جو جوس ڪڍندي ته ڪڏهن ٽماٽي جو سوپ ٺاهيندي، ڪڏهن دوا ڏيندي ڪڏهن پاڻي اوٻاري ٺاري ماءُ لاءِ ڇاڻي رکندي نظر ايندي هئي. پر هن جي پيشانيءَ تي گهنج به نه هو. رات به هوءَ ماءُ جي شيوا ۾ جاڳي گذاريندي هئي ته به هر وقت گلاب جي گل وانگر پئي ٽڙندي هئي. ڪڏهن ڪو قصو ته ڪڏهن ڀاڄائيءَ کي چهچٽو ٻڌائي پئي کلائيندي هئي.

آخر آشا جي شيوائن وڙ ڪيو. سندس ماءُ جو بخار لهي ويو پر هوءَ بيحد ڪمزور ٿي وئي هئي.

رتن پنڪيءَ جي ايڏي بيرخي ڏسي اڄ ڪلهه من ئي من ۾ هن کان خفا رهڻ لڳو هو. هن ڇيس -

پنڪي پاڻ کي ٺيڪ پئي سمجهي. اک کڻي نهاري ته هڪ پاسي رتن ۽ ٻئي پاسي آشا هن جي اک کلڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. رتن جي ڏاڙهي وڌيل ۽ منهن چنتا سان پيلو لڳو پيو آهي. آشا به ٿڪل ۽ غمگين پئي لڳي.

پنڪيءَ کي جاڳندو ڏسي آشا کلندي چيو - "ته پوءِ اڄ چانهه گرم ؟"

چانهه پيئندي پنڪيءَ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، "ديدي مونکي معاف ڪندا." رتن ڏانهن به ياچنا ڀري نگاهن سان نهارڻ لڳي. چيائين - "برابر آهي ته دک ۾ پنهنجن جي پيار جو اسپرش اڌ دک دور ٿو ڪري ڇڏي. ان پيار جي اسپرش سان ڪيڏو نه آساس ٿو اچي. اوترو نوڪرن سان ڪٿي ايندو؟"

اينتري ۾ سسٽر ڪير جو گلاس کڻي آئي - "هان پٽ کير پيءُ." چئي هن جي مٿي تي پيار جو هٿڙو گهمائڻ لڳي.

پيار ڀريا ٻول ۽ پيار جو ڇهاءُ پائي پنڪي گد گد ٿي سس جي ڀاڪر ۾ سمائجي وئي. هن جي من ۾ پيار جو احساس ڇولين مارڻ لڳو.

ڊٻي ۾ سوٽ ڪيس هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪتي.
رتن لال وچ ۾ آفيس ۾ هليو ويو.

آشا اهو رنگ ڏٺو ته هن جي هٿ مان سوٽڪيس ڦري ڪمري ۾ رکي آئي. پيار سان چيائينس - "پاپي! توهان هي ڇا ڪيو؟ توهان کي ائين نه ڪرڻ گهرجي. شاديءَ کان پوءِ ساهرو گهر ئي پنهنجو آهي. سس ماءُ جو روپ ۽ نڻان ڀيڻ جو روپ آهن. عورت جي هڪ دفعي گهر کان ٻاهر پير رکڻ کان پوءِ وري اُنهيءَ چائنٺ تي نه چڙهي سگهندي."

ائين چئي پاڪر ٻائي پنڪيءَ کي ڪمري ۾ وٺي وئي. چيائين - "مان ته ننڍي ٿي توهان کي پڻي اُپديش ڪيان. ڇي ڇي!" ۽ کلي پاڇائيءَ کي ڪتڪتائي ڪري ٻارن وانگر گلائڻ لڳي. آشا هڪ گهر مان ٻه گهر ٽٽندا بچائي ورتا.

اتفاق سان اُنهيءَ ئي رات پنڪيءَ کي اچي بخار ٿيو. رات جو وڌندو ويس ۽ هوءَ بخار ۾ ورقڻ لڳي.
رتن ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ترت پنڪيءَ جو علاج ڪرايو ويو. سڄي رات آشا ۽ رتن ويٺي پنڪيءَ جي مٿي تي پٽيون رکيون، دوائون ڏنيون. رتن جي ماءُ ته نونهن جو هيءُ حال ڏسي پنهنجو دک ئي پلجي وئي.

ٽن ڏينهن کان پوءِ پنڪيءَ کي هوش آيو. اڄ

آهي، تون بہ لاپرواهي نہ ڪج. وڌيڪ تون سمجهدار آهين."

هيما جڻ عرش تان فرش تي ڪري. هن تہ مٿو ڦرڻ ٿوري دير جي ڪمزوري تي سمجهي پر هيءُ تہ سلسلو ئي اڳتي لڳو. ۽ پوءِ جڏهن هن کي خبر پئي تہ واسو گهڻي وقت کان بيمار آهي. ان ڪري تہ ٿي ٿو سگهي شادي ڪرڻ سان ٺيڪ ٿي وڃي، هن جي شادي ڪرائي وئي آهي. هيما جي من ۾ ڪئين سوال اڀري آيا تہ ڇا واسوءَ جي بيماري هن کان لڪائي وئي آهي؟ ڇا هن سان دوکو ڪيو ويو آهي؟ هڪ بيمار جي شيوا لاءِ تہ هيءُ سڀ نہ ڪيو ويو آهي؟ اهي ڳالهيون سوچي هن جو مٿو ئي چڪرائڻ لڳو.

ويس تياڳي هن سادا ڪپڙا پاتا ۽ پتيءَ جي شيوا ۾ جنبي وئي. هن جو وشواس هو تہ هن جي پتورتائيءَ سان ئي واسو جلد ٺيڪ ٿي ويندو ۽ هن جا سپنا ساڪار ٿي ويندا. هوءَ بنا ڪنهن شڪوي شڪايت جي ماٺ ميٺ ۾ واسوءَ جي تن، من، ڌن سان شيوا ڪندي رهي.

پر 'مرض ويو وڌندو جيئن جيئن دوا ٿي.' واري ڳالهہ ڪارگر ٿي.

سپنا سچ ٿي ويا

هيما ڪنوار بڻجي جڏهن ڏينهن ساهري گهر آئي، هن جي من ۾ ڪئين جذبا جاڳي اٿيا هئا. هن جيڪي ڪنواري سپنا ڏٺا هئا اهي سچ ٿي رهيا هئا. هوءَ به ڪنهن راجا جي راڻي بڻجي ڪنهن جي دل تي راڄ ڪندي. هن جو به هڪڙو ننڍڙو گهر هوندو، جنهن ۾ هن جو حڪم هلندو. رسڻ پرچائڻ جو سلسلو هلندو.

پر هيما جا سپنا ته چائنٺ اورانگهڻ وقت ئي چڪناچور ٿي ويا هئا. چائنٺ تي ئي واسوءَ کي چڪر اچي ويا هئا ۽ هن کي يار دوست هوا ڪرڻ لڳا ۽ سهارو ڏيئي پلنگ تي ليٽائي ڇڏيائون. هيما ته هن کي ٿڪاوٽ جو ڪارڻ سمجهي گمڀيرتا سان نه ورتو. سس کي پيري پئي جڏهن ڀاڪر ۾ ڀرڻائين ته سس آسيس ڪيس - "سدا سهاڳڻ رهين." گڏ ئي ڪن ۾ چئي ڇڏيائينس، "هيما، واسوءَ جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه آهي، ڊاڪٽر هن کي آرام ڪرڻ جي هدايت ڪئي

سڀڪو ڏينهن پٽي ڪندي هئي ۽ رات جو ٿڪجي پئجي رهندي هئي. پيءُ هن جو دک، سور پٽڻ وارو هئو ئي ڪير؟ ڪير ڪونه هو جيڪو همدردي يا پيار جا ٻه اکر به هن سان ڳالهائي.

هيما اسڪول جي شڪشا پائي اڃان نڪتي مس ته ماميءَ پنهنجي مٿي جو بوجو لاهڻ لاءِ هن کي مريض واسوءَ سان پرڻائي ڇڏيو. هيما ڏهن سالن ۾ ئي اناٿ ٿي وئي هئي. مامو مامي وٽي ويس ۽ جيئن تيئن پلجي هوءَ وڏي ٿي. اڇا هوندي به هوءَ ڪاليج ۾ نه وڃي سگهي. نه ئي شاديءَ بابت هن کان ڪا راءِ ئي گهري وئي. اڄ هوءَ پنهنجي پير تي بيهڻ لائق به نه هئي. اس گهر جي چار ديواري ۽ هن جي سس اها ئي هن جي سيما هئي.

وقت گذرندو ويو. ماءُ به پٽ جو دک پلجڻ لاءِ ستسنگ ۾ يا پاڙي ۾ ساهيڙين وٽ وڃي ڏيج وقت ويهي پنهنجي من جي ڳالهه ڪنهن سان اوري ايندي هئي پر هيما ته اندر ئي اندر ۾ پٽي ڳرندي هئي.

ٻه سال لنگهين ئي نڪري ويا. وقت گذرندي کهڙي ٿي دير لڳي.

هڪ ڏينهن ڪال بيل وڄڻ تي جيئن ئي هن در کوليو ته هڪ اڻوب يت جينٽلمين، گورو چٽو، ناهو ڪن

پورا ٻه سال گذري ويا پر واسوءَ پلنگ نه ڇڏيو. مرض آهستي آهستي هن جي سرير کي لڪڙيءَ ۾ اڌوڙيءَ وانگر ويو ڳالي ڪندو؛ آخر اهو ٻه ڏينهن آيو جو واسو هيما کي هميشه لاءِ ڇڏي هليو ويو.

هيما جي مٿي تي جيڪو نالي ماتر سندور ۽ تلڪ هو سو ٻه ڪسجي ويو. وڌاتا جي ليکه کي ڪير ٽسو مٽي سگهي. سنڌي اهو ڇٽي هن ڪان رخصت ورتي. پر هيما هئي جو ڦانئل اکين سان بس آسمان ۾ ٿي ڀٽي نهاريندي هئي. هن جا سپنا جيڪي هن ورهين ٻه واسوءَ لاءِ ٿي سهڙي رکيا هئا شيشي جي پيالي وانگر هڪ ٿي ٺوڪر ۾ چور چور ٿي ويا هئا. ايترو ٿي هجي هان ته ٻه ٺيڪ هو. پر سسٽس ته هن کي سنئين جي سامهون ٻئي ڏ ليل ڪندي هئي. چئي - ”هن جا اهڙا ڀير ڀيا جو منهنجو پٽ کٽ تان ٿسي ڪونه اٿيو. ڏائڻ کائي وئي مڙس کي. اهڙي نياڻي نونهن ملي مونکي.“

هن جي شيوائن ۽ تياڳ جي ساراه ڪرڻ ته ٺهيو پر هر ڳالهه ۾ تعانا ڏئي هن جو جگر جلائي ڇڏيندي هئي.

هيما اڪانت ۾ ويٺي رت جا ڳوڙها ڳاريندي هئي. هن جو وس اچو ٿي ويو. سڀي ڏهر جو ڪم

وهان تہ اجايو ٿا ھن تي ڏوھہ ھڻو، واسو تہ سالن
ان بيمار هو، توهان کي تہ هن جي شادي ئي نہ
ڪرائڻ گهربي هئي. اُلٽو توهان هن بيقصور کي
ٿا ڏوهہ ڏيو. مان تہ سوچي بہ نٿو سگهان تہ هن
شادي ڪرڻ سان هن کي ڪهڙو سک مليو؟ هن جا
ہ ٻئي جهان ويا.“

هيما رسوئيءَ ۾ سڀ ٻڌي رهي هئي. منوهر
پهريون انسان هو جنهن هن جي دک کي صهي ڪيو
هو. اڄ تائين ڪنهن بہ هن کي ٻہ اکر همدرديءَ جا
ڪونہ چيا هئا. هيما ساڙهيءَ جي پلوَ سان ڳوڙها اگهڻ
لڳي.

اهو تہ قدرتي نيم آهي تہ جڏهن ڪير دکي
انسان سان همدردي ڏيکاريندو آهي تہ ازخود ءِن
ر جي ايندو آهي. دک ڳوڙهن ذريعي ٻاهر نڪري
يندو آهي. هيما من ئي من ۾ منوهر کي ڌنيواد
ڏيڻ لڳي.

روز منوهر ڏسندو هو تہ هيما جي رهڻي ڪيڏي
ہ سادي آهي. سڄو ڏينهن ڍڳي وانگر پئي وهي
ہ بہ منهن ۾ زبان نڪو شڪوا نہ شڪايت.
وقت تي ناشتو ۽ روٽي، چانهہ وغيره جو ڌيان
هيما ئي رکندي هئي. مجال جو چوڪ ٿي وڃي.

ڪمري ۾ هن جي سامهون بيٺو هو. ٻنهي جون نظرون چار ٿيون پر هيما ته هن کي سڃاڻندي به ڪونه هئي. پاسيري ٿي هن کي اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏنائين.

اينديءَ ئي هو هيما جي سس کي پيري پيو ته هيما جي سس هن کي ڀاڪر ۾ ڀري کڻي چمڙايو. ٻئي واسوءَ جي ياد ڪري روئڻ لڳا. واسو ۽ منوهر ٻئي گڏ پڙهيا هئا پر پوءِ منوهر وظيفو ملڻ سبب امريڪا هليو ويو ۽ هاڻي انجنيئر ٿي هت آيو آهي جيئن ڪو ڪم چالو ڪري. منوهر واسوءَ جي سڳي چاچي جو پٽ آهي. جنهن وقت واسوءَ جو انتقال ٿيو اُن وقت هو امريڪا ۾ هو. هن وقت سوَديش ايندي ئي چاچيءَ وٽ هليو آيو هو.

هيما چانهه ناشتو کڻي آئي ته غور سان منوهر هيما جي منهن ڏانهن نهاريو. سس چاڻ ڪرائيندي چيو، "هيءَ اٿئي واسوءَ جي زال هيما."

لن ٿي منوهر چيو، "واهه چاچي تو نونهن ته چنڊ جو ٽڪر ڳولهي اٿئي."

سس منهن تي گهنڊ آڻيندي چيو، "چنڊ ٿي ته ڇا؟ قسمت ۾ ته ڪارهن ئي لکيل اٿس. ايندي ئي منهنجي واسوءَ کي کائي وئي." ۽ پوءِ هوءَ روئڻ لڳي. هن کي چپ ڪرائيندي منوهر چيو، "چاچي،

چاچي - ”تون نہ ولائت مان ڇا ٿي آيو آهين
شاستڪ ٿي آيو آهين. سوامي جن تہ ٿي ڇٽرون پيو
ڪرين. شاسترن ۾ وڌوائن کي من ۽ سرير کي وس
ڪرڻ جو وڌان آهي.“

منوهر - ”تہ ڇهو وڌوائن ۾ جان ڪونهي، اهي
بيجان آهن. چاچي اڄ جي زماني ۾ تہ وڌوائون
وري شادي ڪري گهر سنسار وسائي ٿيون سگهن،
آهڙا قانون بہ نڪتا آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ تہ وڌوائون
ٻئي ڏينهن شادي ڪري وٺنديون آهن پر بہ پنهنجي
ملڪ ۾ بہ هاڻي بمبئي جهڙي وڏن شهرن ۾ اها ڳالهہ
عام ٿي وئي آهي.“

چاچي - ”هل، هل وڏو آيو آهي مون سان بحث
ڪرڻ وارو. اسان جا ريتيون رواج ٻاهرين ملڪن جهڙا
نہ آهن. هتي وڌوا کي وري شادي ڪرڻ جو حق نہ
آهي. تو جهڙا ولائتي بہ چار اچي ويا تہ هتان جون
ريتيون ئي بگڙي وينديون.“

منوهر - ”ڀلا ننڍي عمر ۾ ڪير وڌوا ٿي وڃي تہ
انکي وري شادي ڪرڻ جو حق ڇو نہ آهي؟ هيما
کي بہ پورو حق آهي تہ هوءَ وري شادي ڪري
پنهنجو گهر وسائي. جيڪو سکہ هوءَ هتي نہ وٺي سگهي
اهو اتي وٺي سگهي.“

اڇن ڪپڙن مان ٽنگ تي هڪ ڏينهن هيما هلڪڙي نيري رنگ جي ساڙهي ڪڍي پاتي. ڏسندي ئي سيٺس ته مٺو پٽڻ لڳي. ڏيڻ لڳس، "هاءِ هن زماني ۾ وڏوائن کي به فئشن لڳو آهي. ڪلهوڪي ستسنگ ۾ سوامي جن چون پيا ته وڏا ۽ جوڳيءَ ٻنهي جو جيون مکڻ جي شيخ ڀڃائڻ آهي. ٻنهي کي سنساري چمڪ ڪان ۽ ڳالهين کان پاسو ڪري من کي قابو ڪرڻ گهرجي ۽ هيءَ آهي جو اڄ رنگين ساڙهي پائي الائي ڪنهن کي ٽي ڏيکارڻ چاهي؟"

هيما ٻڌندي ئي ڪپڙا مٽڻ هلي وئي. منوهر اهو سڀ ناٽڪ ويٺي ڏٺو. هن کان سٺو نه ويو. چيائين، "چاچي، توهان ته کوهه جي ڏيڏر وانگر اڃان اتي ئي پيا آهيو. ٽورو وڏي تلاءُ ۾ نڪري ڏسو ته اکيون کلنوَ. دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي، دنيا ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي؟ ڀلا توهان اهو ته ٻڌايو توهان جو سوامي گرهستي آهي يا سنياسي؟"

چاچي - "هو ته گرهستي آهي."

منوهر - "پوءِ هو گرهستي ڇو آهي؟ ٻين کي اپديش ٿو ڏئي من کي وس ڪرڻ جا. اپديش ڏيڻ سولا آهن چاچي، انهن تي عمل ڪرڻ تمام ڏکيو آهي."

ايڪانت ۾ هيما منوهر کي چيو، ”مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ڪيئن ٿيندو؟ مان صرف مئٽرڪ پاس آهيان. توهان اجايو بحث ڪري ڇو ٿا پنهنجو وقت خراب ڪيو؟“

منوهر چيو - ”مان تنهنجي لاءِ ڇوڪرو ڳولهيندس. پهرين تون ٻڌاءِ ته تون به شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهين يا نه؟“

هيما شرمائجي وئي. هن جي ڳلن تي لالي ڇانئجي وئي. هن نظرون هيٺ ڪري ڪنڌ ’ها‘ ۾ لوڏيو.

ٻئي ڏينهن هيما جي سس جي پيڻ بمبئيءَ مان اچي لٿي. هن کي به هيما کي ڏسي ترس اچي ويو. چئي، ”پيڻ ننڍن ته چندرمکي اٿئي. ودّاتا به ڪيئن نه غلطي ٿو ڪري.“

منوهر چيو - ”مان چاچيءَ کي چوان ٿو ته هيما جي شاديءَ لاءِ مان ٿو ڇوڪرو ڳولهيان ۽ چاچي مڃي نٿي.“

هيما جي سس چيو - ”پيڻ هن ڇوڪر کي سمجهاءِ اسان کي سماج ۾ ڪنڌ ڪڍڻ لائق به رهڻ ڏيندو الائي نه؟ پلا هن جي وڃڻ کان پوءِ منهنجو سهارو ڪير ٿيندو.“

منوهر چيو - ”ان جو مطلب ته توهان پنهنجي

چاچي - ”اڙي ! پر مان ٿي چوان ڪندو ڪير وڏوا سان شادي؟ ڇا ڪنواريون هڙئي مري ويون آهن ؟“

منوهر هيما جو پاسو کڻندي چيو، ”اڄ گهڻائي نوجوان وڏوائن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهن. چڱو ڀلا اهو ته ٻڌايو ته توهان جي مرڻ کان پوءِ هوءَ ڪنهنجي سهاري جيئندي ؟ ڪير هن جي سنڀال ڪندو. ناريءَ جي رکشا ڪرڻ لاءِ پرش ئي هڪ سهارو آهي. پوءِ هو ڀاءُ هجي يا پيءُ، چاچو هجي يا مامو. پر سڄي عمر هو به ڪنهن کي نه رکندا. هڪ پتي ئي آهي جيڪو عمر ڀر پتنيءَ کي سهارو ٿو ڏئي.“

هيما جي سس منوهر سان نه پڄي سگهي ته ڀڻ ڀڻ ڪندي، هٿ ڇنڊيندي ستسنگ ۾ هلي وئي.

ستسنگ ۾ به هن جو من ڀلا ڪيئن ٿي لڳو ؟

پٺيان هيما ۽ منوهر اڪيلا ايڪانت ۾ هڪ ٻئي ڏانهن پريم نگاهن سان ڏسڻ لڳا. منوهر محسوس ڪيو ته هيما نه صرف ٻاهران ئي ايڏي سندر نه آهي جيتري تن من سان به پوتر آهي. انهن ڳالهين هيڪارين منوهر جو من موهي ورتو هو. کاڌو به هوءَ اهڙو سوادي ٺاهيندي هئي جو کائڻ وارو پيو آڱريون چٽي. سوادي کاڌو مڙد جي وڏي ڪمزوري ٿيندي آهي.

منوهر سچ ٿو چوي. ٻنهيءَ ۾ نہ وڏ وائون عام جام شادي پيون ڪن، گهر وسائي سگهي بہ ٿيون آهن. اهو سچ آهي تہ تنهنجي مرڻ کان پوءِ هيءَ ڪيڏانهن ويندي؟”

هاڻي هيما جي سس ٻڍڙي پاسي جي مار کان ماس ٿي وئي. منوهر ولائت مان نئون وچار کڻي آيو هو. ٿڪل آواز ۾ چيائين - ”پر بہ ڪير تيار ٿيندو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ؟”

منوهر - ”ماءُ، مان تيار ٿيندس شادي ڪرڻ لاءِ. جيڪر موڪلي هيما جهڙي جيون ساٿي ملي وڃي تہ مان ڌنيہ ٿي وڃان. ولائت جي رنگين ڇوڪرين کان تہ ڀڳوان بچائي.”

هيما جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هن کي ڪنن تي وشواس نہ پيو اچي تہ منوهر جهڙو اپٽوڊيٽ ڇوڪرو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

هيما جي سس هيما کي سڏ ڪري پڇڻ لڳي، ”هيما، منوهر تہ توکي پسند ڪيو آهي، توکي بہ منوهر پسند آهي يا نہ؟”

هيما نظرون جهڪائي ٻيهي رهي.

سس هيما جو هٿ منوهر جي هٿ ۾ ڏيندي چيو، ”سچ آهي، وڏا جو ڪهڙو ڏوهه جو هوءِ سڄي

سوارٿ لاءِ ۽ نوڪرياڻيءَ جا ڪم وٺڻ لاءِ هيما ڪئي
وهاري ويٺا آهيو. سماج آهي ڇا؟ توهان ۽ مان،
اسان جهڙا انسان. ضرورت وقت سماج ڪهڙي ٿو
ڪنهن جي مدد ڪري؟ ڇا هو بکئي کي کارائي ٿو؟
روئندڙ جا ڳوڙها اگهي ٿو؟ غريب کي ڏن ڏئي
ٿو؟ جڏهن سماج اسان لاءِ ڪجهه ڪري ئي ڪونه ٿو
ته اُن کان ڊڄي ڇو هلجي؟"

چاچي - "وڏن جون رکيون رسمون جيڪي نڀيل
آهن انهن کي ٽوڙڻ منهنجي وس ۾ نه آهي."

منوهر چيو - "هي رکيون رسمون هاڻي بابا آدم
جي زماني جون ڳالهيون ٿي ويون آهن. سماج پنهنجي
سوارٿ لاءِ ئي رسمون ٺاهيون آهن. توهان جي مرڻ
کان پوءِ جڏهن هيما کي ڪمائڻ کائڻ جو ڪو وسيلو
نه رهندو ته هن کي پئي ڪاٽو پوندو. اُن وقت
ڏسون ٿا ڪهڙو سماج ٿو هن کي خيرات ڏئي؟ اُن
وقت سماج جا ٺيڪيدار ئي هن جي جواني خريد
ڪرڻ ۽ پرشٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اُن وقت
ڪيڏانهن وينديون هنن جون رکيون رسمون ۽ هنن جو
سماج؟"

چاچيءَ جي پيرن جيڪا ٻڌيءَ مان آئي هئي،
اهي ڳالهيون ٻڌي ڀڳڙ جي ولي. چيائين، "پٽ،

عمر مرڻ واري جي نالي تي ويٺي ڳوڙها ڳاڙي، جڏهن ڪ مڙد ٻي چار شاديون ڪري ٿو سگهي. وڌوا کي ٻه جيئڻ جو حق آهي. سنو ٿيو منوهر منهنجون اکيون کولي ڇڏيون. هاڻي مان هيما کي نونهن نه ڌيءُ ڪري پرڻائيندس. جيڪو ڏک هن کي مون ڀا وڌاتا ڏنو آهي اُن لاءِ مان هيما کان معافي ٿي گهران."

لائين چئي هن هيما کي پريم ڪان ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. اڄ هيما وري دلهن جي پوشاڪ ۾ سجيل ويٺي آهي پر اڳوڪي ۽ پهرينڪي سجاوٽ ۾ وڏو فرق هو. اڳوڪي رات هن لاءِ آندي هئي هڪ روشن رات ۽ رات آندو هو پيغام هڪ نئين صبوح جو. جنهن ۾ هن جا سپنا سچ ٿي ويا هئا.



ڪملا ٻنانڻي

تعارف

ڪملا ٻنانيءَ جي
ڪهاڻين جو نئون گلدستو
ٽئين زندگي اسان جي هٿن
۾ آهي.

پڻ ڪملا جي وشين ۾
نواڻ آهي. هن هلندڙ
ماحول کي پاٺڪن جي
سامهون پيش ڪري
پاٺڪن ۾ حقيقي
سماجڪ براين جو پردافاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
آهي. گڏوگڏ ناري جاڳرتيءَ لاءِ هر ڪهاڻي ناريءَ جي
اتياچار جي خلاف آواز اٿاري رهي آهي.

مونکي اميد آهي ته ليکڪا اڳتي هلي هن کان
به وڌيڪ بهتر رچنائن ۽ سماج جي سجاڳيءَ لاءِ لکي سنڌي
ساهتيه جو شان وڌائيندي.

ڪملا جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ آڪاشوائي
جئپور تان پرسارت ٿينديون رهنديون آهن، راجستان
سنڌي اڪادميءَ جي رهاڻ ۾ ۽ وقت به وقت سنڌي
مخزنن ۾ پڻ آکاڻيون لکي پنهنجي لياقت ظاهر ڪئي
آهي. مان هن جي ساهت ڏانهن چاهه ۽ محبت لاءِ
کيس داد ٿو ڏيان. هڪ سٺي گرهڻيءَ سان گڏو گڏ
سڦل اڌياپڪا جو پارٽ نڀائيندي رهي آهي. پڻ
ڪملا جي هن ڏس ۾ هيءَ نئون مجموعو آهي. مان
شڀ ڪامنائن سان گڏ سندس روشن آئينده ۽ سڦل
ليکڪا جي ڪامنا ٿو ڪريان.

ٽي. سي. ڀڳت ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج (رٽائرڊ)، جئپور